اَدبي ماڻڪ



سچل



سامي



قابل



لاچار



ساجن



مُرلي گوونداڻي

ادبي ماڻڪ

(مقالا - اِنٽرويوُ)

مرلي گوونداڻي

سِلسِلو

آدبي مانڪ

(مقالا - اِنٽرويوُ)

مُرلي گووندائڻي

ADABI MANIK

(MAKALA-INTERVIEW)

MURLI N. GOVINDANI

Address : SAX-34, P. O. Adipur - 370205
(Kutch) Gujarat.

Phone : 02836-261150, Mob. : 09898409415

Cover Design : **MUKESH TILOKANI (M) 09537561375**

Year : 2014

Coipes : 500

Price : 150/-

Type Setting & Printing : **SCAN COMPUTERS**
3, Radhyshyam Apt.,
Nr. Navdurga Society Rd., Patia,
Naroda Road, Ahmedabad-382345
Ph. : 30246776 (M.) 9327007002

سنڌي ڪاويہ ۾ ساميءَ جو يوگدان

ڀارت جي سنسڪرتيءَ وئدڪ ڪال کان وٺي اَڄ تائين سڄي سنسار ۾ پنهنجو اونچو ۽ اٽل استان حاصل ڪرڻ ۾ سدائين ڪامياب رهي آهي جنهن جو اصلي ۽ مؤل ڪارڻ آهي اسانجي سنسڪرتيءَ ۾ هماليہ جهڙي اوچائيءَ ۽ ساگر جهڙي اونهائي. ان جي ڄاڻ اسانکي ويدن مان ملي ٿي ۽ ان جو گيان الڳ الڳ وقت تي جدا جدا رشين ۽ ساهتيڪارن پنهنجي پنهنجي نموني عام جي اڳيان پيش رکيو آهي.

سنڌي ساهتيہ جي خيال کان ڏِسجي تہ اهڙو ئي ويدڪ گيان اسانکي ڏنو آهي مهاڪوي شري سامي صاحب. جنهن پنهنجا انيڪ ۽ وچن سولي ۽ ان وقت جي عام سنڌي ڀاشا ۾ لکي پنهنجي اٿاهہ سلوڪن جي ذريعي ويدن جو ڳوڙهو راز سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ساميءَ جي سلوڪن ۾ ويدانت جي تمام سني ۽ دل هنڊائڻ نموني سولي وياکيا ڪئي ويئي آهي. سنسار جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ اهڙي وڏي پئماني تي ويدانت جي ڄاڻ ڪونہ ڏنل آهي. پر سنڌيءَ ۾ سامي صاحب اهڙو ڏکيو ڪم سؤلو ڪري ڏيکاريو آهي.

مختصر جيون پريچيہ : سامي صاحب جن جي جيون ياترا پڙهجي تہ ڄاڻ پوندي تہ سامي صاحب هڪ سؤ ورهين کان وڌيڪ حياتي سني نموني، ساهت جي سيوا ڪندي ماڻي هئي. هنن جو جنم 1743ع ۾ ٿيو هو ۽ 1850ع ۾ هن فاني دنيا مان چالاڻو ڪري پرميشور ۾ لين ٿي ويا. سندس جنم سنڌ جي شڪارپور شهر جي مشهور لُنڊ خاندان ۾ ٿيو هو. سندن جنم جو نالو چينراءِ نڪتو، هنن جا پتا ٻچومل اُرف مرليڌر دتارامائي ڪپڙي جي واپار ۾ لڳل هئا ۽ واپار جي سلسلي ۾ امرتسر پڻ ايندا ويندا هئا. سندن ماءُ جي ڇٽيءَ ۽ پکيءَ تور ڄاڻ ڪانہ ملي سگهي آهي. هُنَنِ جي پڙهائيءَ جي بہ خبر ڪو حاصل ڪري نہ سگهيو آهي تہ هو ڪٿي ۽

ABOUT THE AUTHOR CUM POET

Name	:	Murli Naraindas Govindani
Birth Date	:	15-07-1948 at Ajmer
Parental Native	:	Tharushah (Nawabshah Sindh)
Education	:	B.A (Hindi Literature) Ratna (Hindi)
Past Service	:	Manager - Food Corporation of India
Books Published	:	7 - Sindhi (Poetry) 1 - Sindhi (Short Stories) 1 - Sindhi (Makala-Interview) 2- Hindi (Poetry) 3 - Hindi (Translation From Sindhi) Total : 14
Literary Career	:	1. 200 Poems Broadcasted on Radio 2. 250 Poems Published in Various Magazines 3. Attended many workshop, Seminars and Mushairas 4. Editor : Hindi Magazine ARCHNA for 2 years. 5. Editor : FCI yearly Hindi Magazine for 2 years. 6. Editor : Sindhi Magazine **CHETNA** 7. Secretary : Lok Sahitya Prakashan, Adipur.
Awards / Honours	:	1. Best book award by Gujarat Sindhi Academy on 5 books : (4 Sindhi / 1 Hindi) 2. Honoured by Sindhology for Service rendered in FOLK LORE collection 3. Honoured by Swami Lilashah Navjavan Mandal for writing 2 books on Swami Lilashah Maharaj.
Other Activities / Associated with	:	1. Sindhology Adipur 2. Maitri Mandal Adipur 3. Sindhi Adabi Circle, Adipur 4. Ajanta Sahitya Sangam, Gandhidham 5. Adipur Sindhi Navjavan Mandal Adipur 6. Swami Lilashah Navjavan Mandal, Gandhidham 7. Sindhi Samaj - Kutch
Address	:	SAX - 34, PO Adipur - 370205 (Kutch) (Gujarat) Phone : 02836 - 261150 M. 09898409415

لپيءَ ۾ لکيا هئا. سندس پٽ گھنشيامداس کي هن جي ڄاڻ هئي پر هن صاحب بہ ساميءَ جي موٽ کانپوءِ ئي انهن سلوڪن کي ڳولهڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. سامي صاحب ڪيترا لکيا ۽ ڪيترا ڀائي گھنشيامداس ميڙي سگھيو ان جي ڄاڻ نٿي ملي.

ان زماني ۾ ڪجھہ ودوانن ساميءَ جي سلوڪن جي ڳولها ڪري ۽ ڇپائڻ جو اُتڪائيو ڪم ڪرڻ جو من بڻايو. جن ۾ هڪ هئا ديوان ڪوڙومل کلناڻي، هن صاحب الڳ الڳ ٺڪاڻن ۾ وڃي ڀاون ۽ ساڌن سان شخصي ملاقات ڪري 2100 سلوڪ هٿ ڪيا. جنهن کي هنن گرمکي لپيءَ مان سنڌي ڪرڻ ڪري ڇهن ڀاڱن ۾ 1885 ۾ ڇپايو. هنن 2100 سلوڪن جي سمجھاڻي ۽ معني سميت ارٿ گھٽن ڪيو رِشي ڏيارام گدومل. هن ڇهن ڀاڱن کي اسان ساميءَ جو پهريون ڪتاب ڇئي سگھون ٿا. ٻيا ودوان هئا : پروفيسر يوجراج هوتچند ناگراڻي، هنن ساميءَ جا سلوڪ هٿ ڪري هنن کي ٽن ڀاڱن ۾ ڇپائي عام جي اڳيان پيش ڪيا. هنن ٽن ڀاڱن ۾ سلوڪن جو تعداد هو 2327. پروفيسر ناگراڻيءَ پهريون ڀيرو ويدانت جي سمجھاڻي سؤلي سنڌي ڀاشا ۾ سلوڪن جي ذريعي بيان ڪئي.

عيسوي سنہ 1900۾ سکر جي ڀائي سردار خوشي سنگھہ شيام سنگھہ 2101 سلوڪن جي پوٿي گرمکي لپيءَ ۾ ڇپائي پڌري ڪئي. ان بعد روهڙيءَ واري ڀائي گنگارام صاحب ٻيا 1400 سلوڪ هٿ ڪري ڪل 3500 سلوڪ ڇپايا. انهن سلوڪن جي ۽ ڪتابن جي ايتري تہ کپت ٿي جو 1904 ۾ ڀائي سردار ٻڌسنگھہ ۽ 1910 ۾ شري مولچند گيانيءَ جي ٻن ڀاڱن ۾ ساڳيا ئي 3500 سلوڪ گرمکيءَ ۾ ڇپايا. سنڌيءَ ۾ پڻ اهي ساڳيا سلوڪ ور ور ڪري پيا ڇپايا ويا آهن ۽ اهي ڇپائيندڙ ودوان هئا، شري پوکرداس ٿانورداس، شري ڪلياڻ آڏواڻي ۽ ٻيا.

ورهاڱي کانپوءِ هند ۾ بہ ساميءَ جي سلوڪن جي ڇپائڻ جو سلسلو چالو رهيو. 1948 ۾ سنڌي ساهتيہ منڊل پاران بہ ڪتان ڇپايا ويا معني ۽ سمجھاڻيءَ سميت. جن جا ليکڪ هئا رائبهادُر ڪوڙومل چندنمل ۽ شري واڌومل مولچند. انهن ٻنهي ڪتابن ۾ چونڊيل سلوڪ ئي ڏنا ويا. ساهتيہ

کيترو پڙهيا. پڙهيا ضرور، ڇو جو هنن کي گرمکي لپي جو پورو ابياس هو. هنن جي ڇڱن ئي سلوڪن ۾ پارسي ۽ پراڪرتڪ ۽ سنسڪرت ج اکر پڻ آيل آهن.

جوان ٿيندي ئي هو پڻ پنا سان گڏ ڪپڙي جي واپار ۾ لڳي ويا ۽ سڄي عمر انهيءَ واپار ۾ لڳل رهيا. سندن واپار جا ٻه مکيه آستان هئا شڪارپور ۽ امرتسر. ٽن سالن جي ڄمار ۾ سندن ملاقات سوامي مينگهراج ويدانتيءَ سان ٿي، جيڪي سنسڪرت جا وڏا پنڊت ۽ گياني ليکيا ويندا هئا. لڳاتار اٺ سال هو سوامي مينگهراج جي شرڻ ۾ رهيا ۽ ويدانت جو خوب ابياس ڪيائون ۽ اُن ۾ ماهر بڻجي سلوڪ لکڻ جو ابياس ڪرڻ لڳا. آهستي آهستي هنن پنهنجا سلوڪ رچڻ شروع ڪيا. شروعاتي دؤر جي سلوڪن ۾ هنن پنهنجو نالو ڪانه ڏنو پر پنهنجي گروءَ جو نالو سلوڪن ۾ وجهندا هئا، ''مينگهو يا ''ٻانيڻ'' ڇو جو سوامي مينگهراج کي گهٽائي ماڻهو، اُن زماني جا ٻانيڻ پڻ ڪوٺيندا هئا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ساميءَ نالي جي تخلص سان سلوڪ لکڻ جي ڪري سامي نالي سان مشهور ٿي ويا. سندن ڪٽنب جي ڄاڻ ٻه ڪٿي ڪين ملي ٿي. نه ئي گهرواريءَ جي ۽ نه ئي ٻارن ٻچن جي ڄاڻ کو حاصل ڪري سگهيو آهي. ها سندس هڪ پٽ گهنشيامداس جو نالو هنن جي موت کان پوءِ مليو آهي. شڪارپور ۾ چون تا اڄ به هڪ کوهه ''ساميءَ جو کوهه'' نالي سان مشهور آهي.

سلوڪن جي رچنا : سامي صاحب پنهنجي جيون ڪال ۾ ڪوبه ڪتاب نه پاڻ ئي ڇپايو ۽ نه ئي ٻئي ڪنهن ئي ڇپائڻ جي ڪوشش ڪئي ڇو جو هن جا لکيل سلوڪ عام ۾ انهن جي چالاڻي کانپوءِ ئي ملي سگهيا هئا. هو سلوڪ چوندا هئا، ڳائيندا هئا، تڪاڻن ۾ وڃي عام کي سمجهائيندا هئا ۽ پنن جي ٽڪرن يا ڪاٺ جي ٽڪرن تي لکي لکي مٽڪن ۾ وجهندا ويندا هئا جنهن جي ڪا ٻُٽپ ئي پاڻ ڪانه رکيائون. ڇاليهه سالن جي عمر ڪانپوءِ ئي هنن کي لکڻ جي چاهه جاڳي ۽ جيسنائين حيات هئا تيسنائين لکندا ئي رهيا. لکندا هئا، ڳائيندا هئا ۽ مٽڪي ۾ وجهي پلجي ويندا هئا ۽ نئين سر ٻيا لکندا ويندا هئا. اهي سڀ سلوڪ سنڌي ڀاشا ۾ پر گرمکي

ھُتي ويدن کي ھڪ سنت جو سروُپ ڏيندي لکن ٿا تہ

ويد سَنت ھڪ روُپ، ساکہ ڏين ٿا سچ جي
سمجھي ڏِسُ سامي چئي، تون آتم سَندِ اَنوپ
ساکي برھم سروپ، بولڻ وارو سڀ ھي.

ويدانت جي سيني وشين تي ھُنن سلوڪ رچيا آھن. ويدن جي فلاسافيءَ ۾ مايا جي گھڻي اَھميت ڏني ويندي آھي. ويدانت جو سار مايا ۾ سمايل آھي. ھي سنسار ماياڄار آھي، اِنسان ھن ڄار ۾ ڦاسي پاڻ وڃائي وينو آھي. جيڪو ھن ڄار ۾ ڦاٿو، سامي اُن کي اگياني ٿو ڪوٺي، ڇو جو مايا ۾ ڦاسي اِنسان غلط راھہ ٿو وٺي ۽ ھن سپني روپي سنسار کي سچو ڄاڻي ڀرم ۾ پئجي ويو آھي.

”مايا کسي مِت، سامي ورتي سڀ جي،
سپني جي سنسار کي مورک ڄاڻِ سِت،
کوڙين ۾ کو ھڪڙو، عاشق ٿيو اُپرت،
ڄاڻي جڙيا نِت، ماڻي سک سروپ جو.

سامي صاحب مايا تي اندازن 200 سلوڪ رچيا آھن. چون ٿا جن مايا جو منتر سڌ ڪيو سي جوت سان جُڙي ويا.

مايا سڌ ڪيو، اڻ ھوندو سنسار سڀ،
سپني ۾ سامي ڇوي جيئن نانا جيءُ ٿيو،
پاڻ ڀُلائي پنھنجو سنسي منجھہ پيو،
تڙي ڀرم ويو، جڏھن ڄاڻي جڙيو جوت سان.

ھن جھان ۾ انسان جا پنج ويري آھن، جنھن مان ڪو بہ آجو ڪونھي سي آھن : ڪام-ڪروڌ-موھہ-لوڀ- اھنڪار. انھن وڪارن ۾ ڦاسي انسان مالڪ کي وساري وينو آھي ۽ ڪنھن نہ ڪنھن روپ ۾ انھن جو شڪار آھي. سڀ سمجھن ٿا تہ ھي اسانجا وڏا ويري آھن پر ڪوبہ ڪُڇي ڪونہ ٿو، سامي چون ٿا تہ جيڪو انھن وڪارن کي تياڳي سچن فقيرن سان لِنوَ لڳائيندو تہ ئي آدم جو ڀلو ٿيندو ۽ من تان اگيان جو ٻڙدو ھٽندو.

اڪادميءَ پڻ 1975 ۽ 1981 ۾ ساميءَ جا چونڊ سلوڪ ڇپايا. جيڪي وشيہ وا
500 سلوڪ هئا. آتمڪ ساهت مالا پڻ ساميءَ جا چونڊ سلوڪ شري آنن
سيتلداس آهوجا ڇپايو جنهن جو مهاڳ لکيو ڊا. ديال 'آشا'. هن ۾ لڳ ڀڳ
1000 سلوڪ آهن ۽ ڪتاب جا پنج ڇاپا ڇپجي چڪا آهن.

ديوناگري سنڌيءَ ۾ پڻ ساميءَ جا 4000 سلوڪ ڇپايا ويا آهن. پهريو
ڀيرو محنت ڪري ڇپايا سيٺ پارسمل پارومل ٽن ڀاڱن ۾ جنهن ۾ شر
لالچند امرڏنومل گهڻي محنت ڪئي. 2005 ۾ لڪشمڻ هروندواڻي جي
سمپادن هيٺ 1400 سلوڪ پريم پرڪاش، سائين ٽيئنورام آشرم جئپو
جي پاران ڇپايا ويا. وري شري لڪشمڻ هروندواڻي 2006 ۾ 1750 سلو
ورڻمالا (الفابيٽ) طريقي سان سمپادن ڪري سيٺ شري ڀڳنلال روهڙ
چئريٽيبل ٽرسٽ، ممبئيءَ وارن ڇپايو جنهن 1750 سلوڪ آهن.

انگريزيءَ ۾ پڻ شري شانتي ايل. شهاڻيءَ، ساميءَ جا چونڊ سلو
''سانگس آف تہ اِسپرٽس'' (Songs of the spirits) جنهن جو مهاڳ لکي
هو ساڌو واسواڻي صاحب ۽ جيون احوال پروفيسر شيوارام فيرواڻيءَ.

توري ۾ ڄاڻ ملي ٿي ته هيل تائين 4336 سلوڪ سامي صاحب ج
ٻولهي ڪري ڇپايا ويا آهن، وڌيڪ ڪيترا باقي اڻڇپيا رهجي ويا، ڪنه
کي خبر ناهي.

ساميءَ جي سلوڪن جو تت : ڏنو وڃي ته ساميءَ ويدانت ويچار
جا ڪوي هئا، هن جي واڻيءَ کي اسان ويدانت واڻي چئي سگهون ٿ
ساميءَ جي ويچارن موجب ويدن جي واڻي پرماتما سان ملڻ جو مارگ
ڏئي ٿي ۽ جيڪو ان واڻيءَ ۾ لين ٿي، گيان حاصل ڪري سو سمجهو ت
ايشور جو درشن ڪري پيو. ويدن جي سمجهاڻي ڏيندي سامي صاحب
فرمائين ٿا -

ويد لکائن وات، ٿا انم پد اَپارجي،
نانا روُپ رس ڀريا، گهڙن اَنيڪ گهات،
هڪ هٽ لڌوُن لوپ جا، ٻئي هٽ هٽن ڇپات،
لِکيو جنهن لِلات، تنهن کي سامي مليو سنگرو.

سنگرو جي ساراهہ ۾ لکن ٿا -

کيڏي وڏائي، ڳڻيا پُرک ديال جي،
جنهن رکي هٿ مٿي تي ممت مِٽائي،
مورت محبوبن جي انيءَ ۾ آئي،
سامي سيوئي وِسُ وسي جنهن جي آسري.

سامي صاحب ويدانت جي فلاسافيءَ کان سواءِ گهڻن ئي وشين کي پنهنجي سلوڪن ۾ جڳهہ ڏني آهي. جنهن مان خاص آهن گرمک، پريم، ڀڳتي، ستسنگ، ساڌو سنت، اوديا، اگيان، ويراڳ، وويڪ، مورک، آتم گيان، من جي تڙ، ايپاسي ڀاونا ۽ ٻيا گهڻائي وشيہ. پر اها هڪ وڏي ڳالهہ آهي تہ هر وشيہ اثرائتي نموني سان پيش ڪري سلوڪن جي روپ ۾ بيان ڪيو ويو آهي، هر سلوڪ ۾ پنهنجو پنهنجو ميناج ۽ پڙهڻ ۾ روحاني شانتي ملي ٿي. سڀ سلوڪ آنند سان ڀرپور من کي موهي ٿا ڇڏن. مان ڪجهہ وشيہ کڻي ۽ ان سان لاڳاپو رکندڙ سلوڪ ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان.

سامي چون ٿا تہ هيءَ دنيا بي بڪا آهي ۽ صحيح صلاح ڏيندي چتائي ٿو تہ جيڪا عمر اسانکي ملي آهي اها ائين نہ وڃايو پر پرميشور سان لِنو لڳائي پنهنجو پرلوڪ سڦلو ڪيو. نہ تہ تہ پڇتائڻو پوندو.

وڃي ٿي وهي، آرجا هنن هٿن مان،
اِسٿر ڄاڻي پاڻ کي تون ويٺين ڪوڙ رهي،
سمجهي ڏس سامي چوي ڪري ڳالهہ صحيح،
ويندءُ ڏينهن لهي، پوءِ هٿندي هٿڙا.

ايشور کي پائڻ لاءِ اسانجي من جي ڀاونا شڌ هئڻ تمام ضروري آهي، ڀاونا نيڪ هوندي تہ مالڪ پاڻ ئي ملندو ۽ جي ڀاونا صحيح هوندي تہ ڦل بہ سنو ئي ملندو.

ڀاونا ڀنوائي، چوراسي لک جوڻ ۾،
ڀاونا گوتا غيب جا کڻي نِت کائي،
ڀاونا ملي ساڌوءَ سان ساڌن کمائي،
پد ۾ پهچائي، شڌ ڀاونا سامي چوي.

جڳ ۾ وسن ڏيڻ، پاري پنهنجي پريم جا.
موهي ماري من کسي، سڀ کي ڪن ڏڱمڱ،
ڪي سڄاڪا سورما، رهنِ اين الڳ،
سامي تي سروڳ، ماڻين موج مڪت تي.

لوڀي ۽ لالچي ڪهاڻُ نہ لهن گهر جو،
مرن مايا موهہ ۾ پنهنجو پاڻ پچي،
اُلٽ ڪو عاشق رهي آتم رنگ رچي،
جنهن کي سمجهہ سچي، سامي ڏنئہ سنگروءَ.

اهنڪار جي باري ۾ لکن ٿا،

انڌا ايماني، سڄ سڃاڻن ڪينڪي،
ڪنيو وطن پاڻ سان پريم جي پاني،
اِستت رهي آڪاس جو، ڪو ورلو وگياني،
دل ۾ دل جاني، سامي ڏنو سم تي.

دنيا ۾ ٽن طرح جا ماڻهو ٿيندا آهن، هڪڙا جيڪي ايشور کي مڃير
ئي ڪونہ، ٻيا وري اهڙا جيڪي نہ ناستڪ آهن نہ آستڪ، ڪيڏي ڪيڏي
مهل مالڪ کي پوڄين تہ ڪيڏي ڪيڏي مهل ان کان مڪريو وڃن ۽ ٽيار
اهڙا ماڻهو آهن جن جو پرميشور ۾ پڪو وشواس آهي ۽ هن جي هئڻ کي
مڃين ٿا. سامي صاحب بہ انهن مان هڪ هو. سامي صاحب پنهنجي سلوڪ
۾ پرماتما جو هئڻ، ڪڻ ڪڻ ۾ هن جو وسڻ، هن جي هستيءَ بابت گهڻ
ئي ڪجهہ بيان ڪيو آهي. هو چون ٿا پرميشور سج وانگر ظاهر آهي
ڪنهن جي نہ مڃڻ تي سج جي روشني گم ڪانہ ٿي ويندي. مالڪ جي
هئڻ تي هنن جا سوين سلوڪ لکيل آهن. جيئن تہ :

سنگر جهڙو شاهہ، ڪونہ ڏنوسين ڪاٿيئي،
پرچي ڏنو جنهن پريم سان آتم ڏن اٿاهہ،
نڪي پڇيائين ذات پات، نڪي پڇيائين راهہ،
ڪري من اڇاهہ - سامي ڏنائين چِن ۾.

ن، من کان بيمار پيا لڳن. ۽ پل پل چنتائن کان پڇري رهيا آهن، سامي
نهن لاءِ چون ٿا :

آءُ تہ پيارياڻ ڀري پيالو پريم جو،
سامي هن اوسر ۾، تن ۾ سڀ ناريانءِ،
ڏهہ دِس ڏيکاريانءِ، ان ۾ ئي پُرک اکين سان.

اڄکلهہ ماڻهن ۾ الائي ڇو پيسا ميڙڻ جي هوڙ لڳي پئي آهي لک
کروڙ نہ پر عرب ۽ کرب پوءِ کهڙا بہ غلط ڪم ڇو نہ ڪيا وڃن انهن لاءِ
سامي جن چون ٿا :

نکي ڪٽي آئين، نکي وينديں ساڻ،
ناحق مايا موهہ ۾، پڇائين تو پاڻ،

مورک ميڙن مال، اِستر جاڻي پاڻ کي،
اچي ڀڄندءِ اوچتو سامي ڇڻي ڪنڌ ڪال.

ڀاشا ۽ شئلي : سامي جن عام جا ڪوي هئا، لوڪشاهيءَ اوچ ڪلا جي
ڪاويہ رچنا ڪئي اٿائون. سلوڪن جا اکر سؤلا پر من کي ڇُهندائڻ ۽ وڻندڙ
آهن. سندن شاعريءَ ۾ شڪارپوري ۽ اُتر سنڌ جو لهجو آهي. ڪجهہ ڪجهہ
سلوڪن ۾ سنسڪرت، پراڪرت ۽ فارسيءَ جا لفظ پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پر
انهن جي ڪويتا سادي، مٺي ۽ سؤلي آهي. ان جي شئليءَ ۾ هڪ شانت
سنگيت آهي جيڪو نديءَ وانگر ڪل ڪل ڪري ماڻهوءَ جي اندر ۾ هڪ
دائمي اثر پئدا ٿي ڪري. جنهن سان هردو سيتل بڻجي گُرن ۽ ايشور
ڏانهن لاڙو لڳي ٿو.

سنڌي ڀڳتي ڌارا جا ٽي مکيہ ڪوي آهن، شاهہ عبداللطيف، سچل سرمست
۽ سامي چئنراءِ. انهيءَ کي سنڌي ڀڳتي ڪاويہ جي ترمورتي ڪري سڏيندا
آهن. اهي سنڌي ساهتيہ جا املهہ رتن آهن جن جي امر ڪويتا تي سنڌي
جاتيءَ کي فخر آهي ۽ رهندو. سامي صاحب ڀڳتي ڌارا جو پويون ڪوي
مڃيو ويندو آهي ۽ هنن ڪانپوءِ ئي سماج ۾ جاڳرتي ۽ نئون دؤر آيو.

مهڪ - 2 (2014)

سنڌي ڪڇي سيمينار 2009-10-26 گانڌيڌام ۾ پڙهيل مقالو)

جيڪو اندر ۾ آنند ڳولهي ٿو تنهن کي سامي جن آتم آنند چون ٿا
اندر ۾ آتما جو درشن ڪرڻ معنيٰ پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ۽ جي پنهنجو پاڻ
سڃاڻئي ته سمجهه ان پرماتما کي پائي ورتو. ڪو اندر ۾ پيئي اهو آتم
آنند جو مزو ماڻي ته ڏسي.

آتم رس مٺو، اتي سڀ رسن کان،
وڃي پُڇو تني کان چکي جن ڏٺو،
ڪيائون پاڻ ڦِٽو، سامي ڏسي سروپ کي،

گرمکن سنتن ۽ سادڪن جي گڻن جي باري ۾ سامي لکن ٿا،

گرمک ڪين مري، من جي ڀاءُ منن ۾،
دِکيا دات گروءَ جي، هرديه منجهه ڌري،
سامي سدا ڪري، ڀڳت آيند الک جي.

سڀ کان پد اوچو، ساڌ سنگت هرِ ڀڳت جو،
ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، سمجهي ساڌ سچو،
لايو تنهن مُرڪو، سامي سپيرين سان.

سڪ، نيهن، پريم ۽ عاشقن جي باري ۾ ته سامي جن گهڻي ئي ڪجهه
لکيو آهي، عاشق هڪ اُڏامندڙ پکيءَ مثل آهي. جنهن جو هڪڙو ئي ماڳ
آهي، پريم ۽ نينهن جو ۽ منزل آهي پرماتما سان ملڻ.

عاشق اڏ مُٺا، سدا تڙڦن تن ۾،
جن کي سڪ سچيءَ جا اهڙا ڦٽ هڻا،
درشن جي دعا، سامي گهرن سڀ کان.

پريم جي باري ۾ لکيو اٿائون،

(1) پريم بنا پرڪاش ڪنهن کي ٿيو ڪين ڪي.
(2) پريم اکر پاڙهي سنگرو من سيتل ڪيو.
(3) سڀ جي گهر آهي پريم پدارٿ رام جو.

سامي صاحب جو ڏؤر 200 ورهين کان وڌيڪ پراڻو آهي پر گهڻن ئي
سلوڪن کي پڙهي ائين لڳي ٿو ته ڄڻ اڄوڪي سنسار لاءِ لکيا ويا آهن
جيئن ته ماڻهن ۾ پئسا ۽ پد هٿڻ ڪانپوءِ به انهيءَ ۾ تناءُ وڌي ويو آهي.

. سچل جو ڏاڏو هڪ قابل درويش هو. جيڪي پاڻ سدائين فقيريءَ ۾
ست رهندا هئا، نالو هئن فقير صاحب ڏنو. اُنهن کي ٻه فرزند هئا، وڏو
ير ميان صلاح الدين ۽ ميان عبدالحق. سچل ميان صلاح الدين جو هڪڙو
پٽ هو. جيڪي سچل جي ننڍي ڄمار ۾ ئي راه رباني تي ويا ۽ سچل
هنجي چاچي ابدالحق وٽ پليا. سچل هُنن کي گرو ڪري ٻه ليکيندو هو
پنهنجي گهڻن ئي ڪلامن ۾ ذڪر ڪيو اَٿائون.

تعليم : سچل جي تعليم جي باري ۾ ڪا خاص ڄاڻ ڪانہ ملي سگهي
هي پر سندن ڪلامن مان ثابت ڪري سگهجي ٿو تہ ڪين فارسي ۽ عربيءَ
ي خاص ڄاڻ هئن. سنڌي ۽ سرائڪي ٻوليءَ تي بہ مهارت حاصل هُئن.
جي ٿو تہ سچل خوُب علم پڙهيو هو تنهن ڪري ئي هڪ عالم شخص بڻجي
يو. ڪلامن سان گڏوگڏ سچل موسيقيءَ جي پڻ بخوبي ڄاڻ رکي مَهارت
اصل ڪئي.

سچل ٻالپڻ کان ئي علحدا سوچ رکندو هو. سادگي پسند، وچولي قد جو،
نگ جو صاف، ٻهڪندڙ پيشاني ۽ پهراڻ سادو سفيد گوڏ يا چادر ڌاريندو
و. ڪاڏو سادو ۽ ٿورو هون. روزن کان سواءِ ٻيا بہ گهٽيئي لنگهڻ ڪيندو هو.
جيترو ٿي سگهندو هو رات جو نہ برابر ورتائيندو هو. روزي نماز جو پڪو
ابندي هو. سچل پنهنجي گروءَ چاچي جي ڌيءُ سان وواه رچايو هو پر ٻن
ورهين کان پوءِ سندس زال گذاري ويئي، هن وڙي ٻيو نڪاح نہ ڪيو. سڄي
عمر صوفياڻي مستيءَ ۾ رهيو.

ڪويءَ جي ڪلا کي ٻن ڌرين سان سمجهيو ويندو آهي ۽ جيڪي الڳ
الڳ نموني سان سڃاتيون ونديون آهن. هڪڙي سڃاڻپ اوڏي مهل جي
ماحول کي نظر ۾ رکي ڪئي ويندي آهي. جيئن تہ اُن يگ/سمي جون
سمسيائون، سماجڪ ريتيون رواج ۽ ڪُريتيون چاهي اُهي ڌارمڪ هجن يا
آپسي پيدياوَ واريون. ٻي سڃاڻپ هوندي آهي سچ جو درشن ڪرائڻ لاءِ،
رچيل ڪلام جن کي سميہ يا ڪال سان نٿو ٻڌي سگهجي. اڄ جي سندرڀ ۾
بہ سي صحيح ثابت ٿي سگهن ٿيون گڏوگڏ يڳتي سَمي ۾ رچيل ڪلام نام
سُمرڻ ۽ صوفياڻي مستيءَ سان پڻ مالامال آهن.

”حق مؤجود“ - سچل سرمست

جي ڪنهن شخص لاءِ ڪو سنت فقير يا ڪو پيرُ علما مرد ڪا اڳڪ
ڪري تہ اِهو تي نتو سگهي تہ اُهو شخص پنهنجي مقصد ۾ يا پنهنج
زندگيءَ جي ڪنهن بہ ماڳ تي ناڪام ٿئي. اِها حقيقت آهي تہ سچ
سرمست لاءِ اهڙي هڪ اڳڪتي ٿيل هئي. جڏهن هو اجان اَنن وَرهين
هو تہ سنڌ جا صوفي ڪوي ڀٽائي گهوٽ شاه عبدل لطيف پنهنجي عُمر ج
آخري سمي ۾ درازن ۾ آيا. اُتي ٻالڪ سچل جو نوُراني چهرو ڏسي ۽ اُن س
ٿوري گفتگو بعد اُنهن فرمايو تہ ”اسان جيڪو ديگڙو چاڙهيو آهي اُن
ڍڪ هي ٻالڪ لاهيندو.“ درويشن جا قوُل نہ بي معني هوندا آهن ۽ نہ
ڪڏهن خالي ويندا آهن، ڄُنن جي اِها اڳڪتي سچ ثابت ٿي چو
جيڪي روحاني ڳُجهہ شاه صاحب پنهنجي ڪلامن ذريعي سمجهايا آه
تِن کي سچل ظاهري نموني پنهنجي ڪلامن-ذريعي عام کي سمجها
جي ڪوشش ڪئي آهي. سچل صاحب نہ صرف فقيري ۽ موسيقيءَ ۾ نا
ڪڍيو پر پنهنجي ڪلامن ذريعي هڪ ناميارو صوفي ڪوي بڻجي پيو.

سنڌ جي اِتهاس ۾ ڪئين صوفي ڪلام رچيندڙ پئدا ٿيل آهن پر ارڙهي
صديءَ ۾ سنڌي ڀڳتي ڌارا جي ڪال ۾ ٽي بي مثال صوفي ڪوي ٿي گذر
آهن جن کي سنڌي صوفي ڪلامن جي تہ مورتي ڪري سڏيو ويندو آه
شاه عبدالطيف (1689-1752)، سچل سرمست (1739-1826) ۽ سام
(1743-1850).

جنم : سچل جو جنم سنڌ جي خيرپوُر رياست جي درازن جي ڳوٺ
عيسوي سنہ 1739 ۾ ٿيو. سندن جنم جو نالو عبدال وهاب هو. ننڍي هوند
هن کي سچي ڏنو ڪري سڏيندا هئا ۽ انڪري ئي پنهنجي ڪلامن ۾ ه
پاڻ کي سچل، سچو ۽ سچي ڏنو تخلص سان ظاهر ڪيو. پر عام ماڻهون ه
کي سچل ڪري سڏيندا هئا. جيڪو اڄ بہ سچل نالي سان ئي سڃاتو وڃ

لهائيندو هو ۽ جيڪو لکيو اٿائين سو صاف ۽ سچو بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ ۽ پرواه ڪان.
ي اُها مذهبي نيڪا هجي يا سماجڪ ريتين جي اَلوچنا-لکي ٿو

(1) سچ ٿا مرد چون ڪنهن کي وڻي يا نہ وڻي
ڪوڙي دوستيءَ جو دم ڀڻي نہ ڀڻي.

(2) ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي
مان جوئي آهيان سوئي آهيان.
هندو مومنِ ناهيان.

(3) جي مچنِ ٿا آدمي، سي نہ مچيان مان

(4) ڇا جو ڪعبو، ڇا جو قبلو، هي بہ سي بهانا

(5) ڏيئو ياري سچ کي ئي ڏاهرين ڏنو.

سچل سدائين خدا جي مستيءَ ۾ مست رهندو هو. چوندو هو اُن هڪ جو
ڪس پنهنجي من ۾ وهاريو ۽ دنيا جي مرم کي سمجهو، سدائين اُن جي
ُستتي ڪندا رهو. سچل پاڻ خدا جي مستيءَ جي مهراڻ جو ٽوبو هو، نياز
ہ هُن جي لنوَ لنوَ ۾ ڀريل هو، مالڪ جي در سدائين ڀاڏائيندو رهندو هو.
اُنهن جي انيڪ ڪلامن ۾ اِن جو بخوبي اِظهار ڪيو ويو آهي.

(1) ننگڙا نماڻي دا جيوين تيوين پالڻا

(2) ناهي ٻاروچو ڪو ٻيو، آهي اُهو جو مان روز ڏسان.

(3) باروچا پئيوَ ٻاجهہ، ڇپر مونکي هينئن نہ ڇڏيجو.

(4) آنءُ ٻانهين تون سائين، پاتم پانڌ ٻچيءَ ۾ ڪپڙو.

صوفي ڪوين ۾ سچل کي اعليٰ درجو حاصل ٿيل آهي. صوفين جو اُصول
هوندو آهي پاڻ سڃاڻڻ، پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ ۽ روحاني رازنِ کي کولڻ تمام
ڏکي ڳالهہ آهي. پر سچل پنهنجي ڪلامن ذريعي اُن کي سمجهائڻ جي ڪوشش
ڪئي آهي. جنهن جي ذريعي عام ماڻهون پاڻ کي پروڙي روحاني ڳجهن کي
سمجهي سگهن ٿا. سچل سائين سدائين پڇندو رهي ٿو :

(1) هُتي ڪير هُياس، هتي آهيان ڪير.
حالم اِهو خير، سچل سڪ ڪرايو.

(2) مُلا مار مَ مون سچڻ ڏسان ڪين سبق پڙهان

سچل جي ڪلامن کي بہ ٻنهين طرحن سان ڪٿي سگهجي ٿو. سدائ
خدا جي پريم ۾ جڪڙيل صوفياڻي مستيءَ ۾ مست سچل جا ڪلام اع
درجي جا، اَنمول ۽ معنيٰ سان ڀرپور آهن. سچل جي ڪلام ۾ مالڪ تي گه
وشواس ڏيکاريل آهي. مالڪ سان هن جو نينهن ساگر ڪان بہ گهرو آه
سدائين اُن جي ڀولها ۾ مست رهندو هو، لکي ٿو :

(1) محبوب ڀولهي ڏِسُ من ۾
سچل سائين صحيح ڪري ڄاڻ، يار مليو ڪَڪَ پن ۾

(2) جنهن کي عشق موٗلا جو ناهي
سو ڄڻ جهنگہ جانوَر آهي

(3) سچو سائين هيڪڙو ناهي شڪ گمان
پنهنجو تماشو پاڻ ڏسي ٿو صورت منجهہ سلطان.

(4) آهي اِنهيءَ اکين تي خاصو خمار تنهنجو
وينو وني آهيان هِت عامل قرار تنهنجو.

سچل جو دؤر مذهبي دؤر هو، سماج گهٽن ئي ورڱن ۾ ورهايل هئي، ڏ
جي نالي سان اتياچار ۽ ٻيائي وڌيل هئي، عام ماڻهون اَنڌ وشواسن، ساماج
بندنن، ريتيون، ڪُريتيون ۾ ڦاٿل هئا. سچل جي ڪلامن ۾ اُنهن جي ست
لاءِ گهٽيئي ڪجهہ لکيل آهي. هُن اَهڙي قسم جي مذهبي ماڻهن، مؤلوي
پنڊتن کي عام ماڻهن کي پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ لاءِ همٿايو آهي. لکي ٿو

(1) اَلاه اَلاه چو ٿو چَوين
پاڻهي اَلاه ڄاڻ

(2) اَلهہ مون عادم ٿِيو ڪري هنگامو هُلُ
هندو مومَن سو ٿيو پول نہ ٻئي ڪنهن ڀُلَ.

(3) مذهبن مُلڪ ۾ ماڻهون منجهايا،
شيخي، پيري، بزرگي بيحد ڀلايا

(4) ڪڏُ مذهب من موُن ساجهر ساڻ سويل
هندو مومَن سان ملي محبت جا ڪر ميلَ.

نانوَ اَنوسار ئي هُن دنيوي توڙي روحاني وهنوار ڪيو هو. سدائين س

ويچارن جي مهانتا جي جهلڪ ملي ٿي.
پاشا ٿي سچل صاحب جو زبردست ضابطو هو، جنهن ڳالهه کي جيئن محسوس ڪندا هئا تيئن بنا ڪنهن خوف ۽ ڊپ جي لفظن ۾ پروئيندا هئا. هن جي ٻولي پيشڪش ويچارن، صاف گوئي ۽ فلاسافيءَ سان ڀرپور هئي. جيئن ته هو موسيقيءَ ۾ ماهر هئا سندن ڪلام پڻ لئه ۽ سُر ۾ رچيل هئا. ڪلام به اينترا گهڻا ڇپيا آهن جنهن جو مثال سنڌيءَ ۾ ملڻ مشڪل آهي. سچل سنڌيءَ سان گڏوگڏ پارسي، سرائيڪي، پنجابي ۽ اُردوءَ ۾ پڻ ڪلام، ڪافيون، بيت ۽ ڏوهيڙا ڇپيا آهن. هن جي مرڻ کانپوءِ ڪئي رسالا ڇپايا ويا. پارسيءَ ۾ هنن جو هڪ ”ديوان“ ڇپيل آهي جنهن ”عشقار“ تخلق سان سچل جو شعر ڇپيل آهي. سنڌيءَ ۾ پڻ ڪافين ۽ بيتن جا الڳ الڳ گهڻائي ڪتاب ڇپايا ويا آهن. جيستائين زنده هئا تيستائين هنن ڪلام ڳايا پئي ۽ انهن جي مريدن اُهي سهيڙيا پئي.
هنن جي صحت اَمونن چڱي هوندي هئي. ڪين ڪابه وڏي بيماري ڪانه ٿي. 87 ورهين جي ڄمار ۾ عيسوي سنه 1826 ۾ سچل صاحب جو روحاني پکي خدا ڏانهن پرواز ڪري ويو. پر اڄ به درازن ۾ سندس مظار تي سندن پوئلڳن پاران سندس ئي رچيل ڪلامن جي صوفياڻيون چوڻڪيون وقت به وقت لڳايون ويندڙيون آهن. سچل جا ڪجهه پوئلڳ فقير ته درازن ۾ ڏيرو ڄمائي ويٺا هوندا آهن ۽ ڪلام ڳائڻ جي رستي پنهنجي مُرشد ۽ خدا جي مستيءَ ۾ ڪين ياد ڪندا رهندا آهن.
(سنڌي سماج ڪڇ پاران آيوجت بئنڪ 24-8-2014 آديپور ۾ پڙهيل مقالو)

شاهه دَرازن سچل وَسي من جو مهرم تون.

(3) اَسين آهيون ڇا ٻيلي نٿا ڄاڻون
سچو نانءُ تو سڏائي ڇڻ تو ڪاٿي هو آهي.

سچل سرمست سنڌي ساهتيہ ۾ ڪافين جو سرتاج ليکيو وڃي ٿو. سند
ڪافين جي رسالي جي سبب ئي هو بيحد مشهور بڻيو آهي. ڪافي دراَص
سنڌي شاعريءَ جي هڪ خاص صنف آهي، جيڪا ڳائڪي سان ڀرپور
موسيقيءَ تي آڌارت هوندي آهي. سچل صاحب جي درگاهه تي سندس ڳ
ڪافيون ڳايون وينديون آهن. ڪافي روح کي راحت پهچائڻ واري ليک
وڃي ٿي. ارڙهين صديءَ ۾ گهڻن ئي صوفي شاعرن ڪافيون لکيون
ڪافين ۾ اَهم رول ادا ڪيو پر جي شاهه صاحب ۽ سچل صاحب جن. سچ
جي ڪافين جا مثال ڪجهہ هن ريت آهن :

(1) جنهن ميهر مليو تنهن گهَڙي تان گهوري آهيان
تنهن ڪُنير تون قربان ٿيان جنهن ڪچو پچايو.

(2) جاني تو نہ جڳائي رُسڻ نماڻيءَ سان
سوال سچوءَ جو سُپرين اچج ساڻ اگهائي.

(3) جوڳي آهيان جوڳي ٿيندس جوڳي جنبُ جوان
ناهين اولهہ ناهئن اوپر ناهئن زمين آسمان
شهر سچل دا وچ درازين ناهين مَڪي مُلتان.

(4) عاشق مرندا ڪين ڪي رهندا ڪين مَڪان ۾
سچوءَ کي سوئي مليو هي گُرُ اچي تہ گيان ۾

سچل صاحب لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هُنن ڪڏهن بہ ڪلامن کي ڪاغذن تي
لکڻ جي زحمت ڪين ڪئي. موسيقيءَ ۽ سُرن جا ڄاڻو جڏهن بہ مستيءَ ۾ ايند
هئا ازخود ئي هنن جي گلي مان جيڪو راڳ نڪرندو هو هُن جا مريد جهٽ
ڪاغذ تي اُتاريندا ويندا هئا، گهڻيئي ڀيرا تہ هُنن جا ڪلام اَڌورا ئي رهجي
ويندا هئا. جن کي وري ڪڏهن پوُرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪيائون. سچل
ڪلام صوفياڻي، نازڪ خيالي، خدا جي بندگيءَ ۽ محبت جي مَئہ سان لَبالب
آهن اِن ڪري ئي صوفي ڪوين ۾ هو خاص جڳهہ والارين ٿا. سندن ڪلامن

جي ڇهن ستن سالن تائين تورن کي ڇڏي باقي ڪنهن کي خبر نہ هئي.

مرلي : توهانجي جنم تاريخ 15 آگسٽ آهي. جيڪا ڀارت جي آزاديءَ جي ۽ سنڌين جي سِنڌ ڇڏڻ جي تاريخ پڻ آهي، سنڌ ۾ جڏهن توهان 15 ورهيہ رهيا، تڏهن ۾ پنهنجي جنم آستان جي ڄاڻ ڏيندا.

تيجُ : منهنجو جنم 15 آگسٽ 1932 تي سنڌ جي دادو شهر ۾ ٿيو هو. جيڪو ضلعو بہ هو. ان شهر جي اڄ بہ گلي گلي پاڙو پاڙو مونکي ياد آهي. سڄي شهر جو نقشو ڏيان ۾ آهي. ضلعي جون ڪيتريون ۽ ڪهڙيون ڊويزنون هيون، ڪيترا ۽ ڪهڙا تعلقا هئا. ريلوي لائين تي ضلعي جون ڪهڙيون اسٽيشنون هيون، اهي سڀ ياد آهن.

مرلي : ٻڌنڌڙن کي پنهنجي تعليم ۽ نوڪريءَ جي باري ۾ واقف ڪندا.

تيجُ : مان ايم.اي.،بي.ايڊ.، هندي رتن، هنديءَ جو ٽرينڊ ٽيچر، اڙدوءَ جو قابل امتحان ۽ جاگرافيءَ جو خاص ڪورس پاس آهيان.

مرلي : توهان لکڻ جي شروعات ڪيئن ڪئي ۽ توهانجي پهرين رچنا.

تيجُ : مونکي لکڻ جو شونق ننڍي هوندي کان ئي هئو. ورهاڱي سبب اِهو شونق ائين رهجي ويو. هتي اچڻ سان پهرين ننڍي آکاڻي هنديءَ جي ''ايماندار بالڪ'' ترجمو ڪيم. اِها چيمبور- ممبئيءَ مان نڪرندڙ ٻارن جي رسالي ۾ ڇپي ۽ پوءِ اُتساهہ وڌيو.

مرلي : لکڻ جي شروعات وقت توهانجي عمر ڪيتري هئي ۽ ڇا اُن وقت توهان سنڌي ساهتيہ سان واقف هئا؟

تيجُ : ان وقت منهنجي عمر 22 سال هئي. مونکي اُن وقت کهاڻين ۽ ليک لکڻ جو چاهہ هو.

شري تيجُ قابل سان ريڊيو ملاقات

جڳهه : آڪاشواڻي، پُڄ - اسٽوڊيو. تا. 21-2-2012
ملاقات وٺندڙ : مرلي گووندداڻي

گجرات سرڪار پاران ساهتيہ جي وڏي ۾ وڏي ''گؤرو پرسڪار'' س
عطا ٿيل، سنڌي ساهتيہ جا ڄاتل سڃاتل اَديب، انوکي شخصيت وا
ودوان، سياءَ جا نَمرَ، سدائي شانت رهڻ وارا گهمڻ ڦرڻ جا شوقين .
هيل تائين 61 ڪتاب لکيا آهن، ٽوٽڪن ۾ ماهر ۽ سفيد ڪاڏيڏار
گانڌيڏام نواسي اِڄ اَسان وٽ آڪاشواڻي جي اسٽوڊيو ۾ حاضر آهن، .
آهن مشهور سنڌي اَديب دادا ''تيجُ قابل صاحب.''

دادا مان توهانجو آڪاشواڻي پُڄ جي اسٽوڊيو ۾ سواگت ٿو ڪريا
توهان جو اِنٽرويوءَ لاءِ پنهنجي قبوليت ڏني ۽ هتي پڌاريا مان مر
گووندداڻي هڪ ڀيرو وري توهانجي آجيان ٿو ڪيان. اَچو تہ سوالن جوا
ذريعي اَسان ٻڌندڙن کي توهان جي فن ۽ شخصيت جي ڄاڻ ڏيون.

مرلي : توهانجو پورو نالو تيجومل موٽومل ياٻچنداڻي آهي پر توه
سنڌي جڳت ۾ ''تيجُ قابل'' جي نالي سان ڄاتا سڃاتا و
ٿا، ٻڌائيندا تہ اهو تخلص توهان ڪڏهن ۽ ڪيئن رکيو ؟

تيجُ : منهنجو نالو برابر تيجومل موٽومل ياٻچنداڻي آهي. پر م
پهرين ڪنڊلاپورٽ (مرڪزي سرڪار ۾) نؤڪري ڪندو هوس
سرڪاري ملازمن کي لکڻ جي منع هئي، اگر ڪجهہ لکندا ه
تہ ڪاني جي معرفت اخبار وارن کي اِها رچنا موڪلڻي پوندي
هئي. ان ۾ وقت بہ گهڻو ضايع ٿيندو هو ۽ اهي پنا ڦاٽ
پوندا هئا. انڪري نويوڪ گروپ جي ساٿين تيجوءَ مان تي
ڪيو ۽ اُردو جو قابل امتحان پاس هئڻ ڪري نالو رکيائو
تيجُ ۽ تخلص ڏنائون ''قابل'' يعني ٿيو تيجُ 'قابل' ۽ ان نال

شيوا جا ڪم پڻ ڪيا. ٻاهرين سان پڻ سڪ پريم رکيو. انڪري انهن سيني پنهنجي آزمودي موجب لکيو آهي.

مرلي : پنهنجي رچيل ساهتيہ مان توهان ڪيتري قدر راضي آهيو؟

تيج : هرڪو پنهنجي رچنا مان راضي هوندو آهي. مان بہ خوش آهيان. پر ڪويتا ۽ ناٽڪ تي مان نہ لکي سگهيو آهيان. آزاد نظمن جو هڪ ڪتاب ڇپيو آهي.

مرلي : سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ توهانجو يوگدان؟

تيج : سنڌي ڀاشا جي واڌاري لاءِ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سڀا جي جهنڊي هيٺ پرچار ڪرڻ، اکل ڀارت سنڌي ٻولي پرچار سڀا، آل اِنڊيا سنڌي اگزامينيشن بورڊ، سنڌو وڊياپيٺ سوسائٽيءَ جي زير سايہ ڪم ڪيو آهي.

مرلي : توهانکي هڪ سڦل سيمينار آيوجڪ مڃيو وڃي ٿو هيل تائين توهان گهڻن سيمنارن ۾ شرڪت ڪري چڪا آهيو ۽ اُنهن مان گهڻن سيمنارن جو آيوجن توهان ڪيو آهي؟

تيج : مون ڪيچ ۾، ڀاونگر ۾ سيمينار ۽ ورڪشاپ ڪيا آهن ۽ ڪيترن ۾ گائيڊ طور ۽ مقالو پڙهڻ لاءِ ڀاڱ ورتو آهي.

مرلي : توهان گهمڻ ڦرڻ ۽ پرمڻ جو شوق آهي تنهنجو نتيجو توهان جي لکڻيءَ تي پيو جو هيل تائين توهانجا 10 ڪتاب ياترا جي صنف هيٺ ڇپجي چڪا آهن. اِن شوق جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائيندا.

تيج : مونکي گهمڻ ڦرڻ جو شونق ننڍپڻ کان ئي آهي. سنڌ ۾ 15 سالن جي عمر ۾ سنڌ جي ڪافي حصي جو سئر ڪري آيو آهيان ۽ هن تي ''سونهاري سنڌ'' نالي ڪتاب بہ ڇپايو آهي. گهمڻ جي شونق تي هنڌ ۾ چڱو ئي گهميو آهيان ۽ انڪل سئر سفر تي ڍهہ ڪتاب آيا آهن.

مرلي : توهان سمورو ڪيچ گهميل آهيو اُن ۾ ٻني وِستار پڻ اچي ٿو، جيڪو سِنڌ جي سرحد تي آهي، ٻنيءَ ۾ وڃڻ ڪانپوءِ توهانجي

مرلي : هيل تائين ڪهڙين صِنفن ۾ ڪيترا ڪتاب ڇپ
چڪا آهيو؟

تيج : هن وقت ڪهاڻين، مضمونن، ليکن، سفرنامن، جاگراف
اتهاس، ڊڪشنرين، جنرل ناليج جا ڪل 61 ڪتاب ڇپ
چڪا آهن ۽ پنج تيار پيا آهن.

مرلي : توهانجي ڪتابن مان ڪهڙو ڪتاب توهان کي بهترين لڳ
آهي؟

تيج : حقيقت ۾ تہ سڀ ڪتاب هڪٻئي جي برابر آهن پر خ
بهترين آهي ڊڪشنري ”شاهہ فرهنگ“.

مرلي : مليل اِنعامن جي ڄاڻ ڏيندا؟

تيج : اِنعام ۽ سنمان تہ ڍيرائيءَ مليا آهن پر خاص آهن گجر
سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جو ” ساهتيہ گؤرَو پرسڪار“ بيس
رائيٽر، بيسٽ پرنسيپال ۽ هندي مضمون تي گجرات ۾ پهر
نمبر، شهرن جي اتهاس ڪتاب تي گجرات، سنڌي ساه
اڪادميءَ طرفان پهريون نمبر انعام.

مرلي : ”گؤرَو پرسڪار“ وٺڻ وقت گانڌيڌام ۽ آديپور جي چالي
سنستائن توهانجو سواگت ڪيو هو ۽ گهڻي تعداد ۾ شهر
ماڻهون اُن موقعي تي حاضر هئا. ماڻهن جي سِڪ ۽ سوا
ڏسي توهان اُنهن لاءِ ڇا چوندا ؟

تيج : شهرواسين ۽ سنستائن جو اِهو قرب هو. قدرداني قدر ڪيو،
لاءِ مون جلسي ۾ هنن جا ٿورا مڃيا هئا.

مرلي : ”ساليانی مخزن ڇولين“ جو خاص اَنڪ توهانجي جيوَن
فن تي ڪڍيو ويو هو جيڪو هنديءَ ۾ پڻ هن بندي ترج
ڪيو هو، اُن ۾ 25 اَديبن توهانجي باري ۾ لکيو ڇو، اُنهن
توهانجي رايو، تہ ڪيتري قدر هُنن صحيح لکيو ؟

تيج : مونکي ڪڇ ۾ رهندي 59 سال ٿيا. ان وقت 55 سال ٿيا ه
ان عرصي ۾ مون عام سان ياڻيپيءَ وارو وهنوار ڪيو هو. ڪ

۾ پئجي ويندي هئي.

مرلي : توهانکي ''بيسٽ پرنسيپال'' جو اِنعام پڻ مليل آهي، تعليمي کيتر ۾ نؤڪريءَ کانسواءِ توهانجو ٻيو ڪو يوگدان رهيو هجي تہ ٻڌائيندا ۽ ان سلسلي ۾ شاگردن لاءِ ڪجھہ سنديش ڏيندا.

تيج : تعليم جي کيتر ۾ مون ڪافي يوگدان ڏنو آهي. ان کانسواءِ سماج جا ٻيا ڪم بہ ڪيا آهن انڪري منهنجو سواگت ٿيو آهي.

مرلي : توهان ڪنهن جي لاءِ لکندا آهيو ۽ ڪيستائين لکندا رهندا ؟

تيج : مان من جي خوشي ۽ وندر لاءِ تہ لکي رهيو آهيان پر عام کي پنهنجا ويچار ڏيڻ لاءِ بہ قلم هلائي رهيو آهيان.

مرلي : اَسان سيني توهانکي سدائين سفيد کاڌيءَ ۾ ڏٺو آهي، توهان اُها ڪڏهن کان پائيندا آهيو ۽ اُن جو ڪو خاص ڪارڻ؟

تيج : مان ننڍي هوندي کان ئي آزاديءَ جو لڙاڪو، راشٽروادي رهيو آهيان. منهنجي اِڇا هوندي آهي تہ ڪير بہ جيڪو ڪم ڪري ٿو، اهو ان کي ڪرڻ ڏيو.

مرلي : سدائين ٻالهائڻ وقت ڪا دلچسپ گهٽنا يا ٽوٽڪا ٻڌائيندا رهندا آهيو، توهان وٽ اِنجو ڪيترو ڀنڊار آهي؟

تيج : ننڍي هوندي کان ئي ٽوٽڪن لاءِ شونق هوندو هو. وڏن جي ڪچهرين ۾ ويهي اُهو ٻڌندو هوس، ان لاءِ اڄ بہ دل سان اهي ٻڌائيندو آهيان. هن وقت بہ سوَ سوا سوَ ننڍڙيون رچنائون مون وٽ آهن.

مرلي : توهانجي ڌيءُ نشا واڌواڻي پڻ سنڌي ٻوليءَ جي مضمون ليکڪا آهي، اُن جي ساهتيہ جي واڌاري ۾ توهانجو ڪو يوگدان هجي تہ ٻڌائيندا يا ائين سمجهون تہ هيءَ لکڻ جي ڏات سندس کي ورثي ۾ مليل آهي؟

تيج : نشا واڌواڻي 'سنڌو' منهنجي وڏي ڌيءَ آهي. هوءَ هندي اسڪول ۾ پڙهي، پر هن کي سنڌي لاءِ چاهہ هو. هنکي مون گهر ۾ سنڌي سيکاري، چاهہ هئڻ سبب سنڌيءَ جو چڱو محاورو حاصل

من ۾ ڪهڙا اُدما ٿيندا آهن؟

تيج : اُتي پهچڻ سان مونکي ائين محسوس ٿيندو هو ته مان سنڌ
آيو آهيان، وڻ ٽڻ، مٽي، رهواسين جي رهڻي ڪهڻي، پوشا
ٻول، آدر ڀاءُ، سڀ سنڌ جهڙائي لڳندا آهن.

مرلي : ورهاڱي جو درد ڇا توهان کي به آهي، جي ها ته ڪجهه ٻڌائ
پاڻ کي هلڪو ڪيو.

تيج : ورهاڱي جو درد ته آهي ئي، جيڪو هر سنڌيءَ کي، جنهن س
۾ جنم ورتو ۽ پليو نپنو. مان به انهن مان هڪ آهيان. پر قا
جي قدرت تي راضي رهڻو آهي. شڪر ڪري هلڻو آهي.

مرلي : توهان بنيادي طور سان اِتهاس ۽ ڀوڳول جا ڄاڻڪار آهيو پوءِ به توه
کي سنڌي ٻوليءَ تي مهارت حاصل آهي جنهنجو نتيجو ٿِسارس
شبدڪوش جهڙن ڏکئي وشين تي ڪتاب ڇپائڻ، ان جو ڪارڻ؟

تيج : مان برابر جاگرافي ۽ هسٽريءَ جو ماسٽر هيس پر سنڌي
هندي به پڙهائيندو هوس. مون بي.اي. اسپيشل سنڌيءَ
رتن ۽ ٽريننگ ڪورس هنديءَ ۾ ۽ قابل اُڙدوءَ ۾ پاس ڪ
انگريزي ٻولين جو محاورو وڌيو ۽ ڀاشا وگيان ڏانهن لاڙو ٿيو
ڊڪشنريون تيار ڪيون.

مرلي : اَدب ڪيتر ۾ توهانجي لکڻيءَ جي ييٽ ۾ توهان کي مل
سڃاڻپ ۽ مان سنمان مان توهان ڪيتري قدر سنتشٽ آهيو

تيج : اَدب جي ڪيتر ۾ مونکي مليل مان سنمان لاءِ مونکي سنتوش آه

مرلي : توهانجي لکڻي تي ڌرم پتنيءَ جو ڪيترو اَثر يا سات ره
آهي؟

تيج : لکڻ لاءِ مونکي منهنجي پتنيءَ جو ته ڇا پوري پريوار جو سا
سهڪار مليو آهي ۽ اڃان ملي رهيو آهي. لکڻ وقت جيڪڏه
ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هئي يا سلسلو نه رهندو هو
ڌرم پتنيءَ کي سڏ ڪري سامهون وهاريندو هوس. ۽ ڳالهه ڇ
بنا ئي ان کي واپس موڪليندو هو. هوءَ ان وهنوار تي عج

شري لعل هوچنداڻي ’لاچار‘
سان ريڊيو ملاقات

جڳهه : آڪاشواڻي، ڀڄ - اِستوڊيو. تا. 4-2-2013
ملاقات وٺندڙ : مرلي گووندااڻي

آڪاشواڻي ڀڄ جي ستوڊيو ۾ اڄ اسانجي سامهون حاضر آهن سنڌي ادب جا چمڪندڙ ستارا شري لعل هوتچنداڻي ’لاچار‘، جن کي گجرات سنڌي ساهتيه اڪادمي گانڌينگر پاران سندس ٻن ڪتابن تي سريشٽ ڪتابن جي يوجنا ۾ پهريون نمبر مليل آهي. سال 2009 لاءِ سندن مضمونن جي ڪتاب ’’ادبي ڪوڏ‘‘ لاءِ ۽ سال 2010 لاءِ ڪوينائن جي مجموعي ’’ننڍو قد وڏو پاڇو‘‘ لاءِ. مختصر ۾ لعل صاحب جو پريچيه ڏيان ته لاچار صاحب جو جنم سنڌ جي نواب شاهه ڳوٺ ۾ عيسوي سنه 1938ع ۾ ٿيو هو. هنن جي پڙهائي سنڌي ساهتيه جي وشيه سان .B.A تائين ٿيل آهي. پڙهائيءَ کان پوءِ هي صاحب ڪنڊلا پورٽ ٽرسٽ ۾ ملازم ٿيا اُتان ’’ڊويزنل اَڪائونٽنٽ‘‘ جي پد تان رٽائرڊ ٿيا. لاچار صاحب گجرات سنڌي ساهتيه اَڪادمي جي ڪاروباري ڪميٽيءَ ۾ پنجن سالن لاءِ چونڊيا ويا ۽ هن وقت ساليانى مخزن ’’چوليون‘‘ جا گذريل ٻارهن سالن کان سمپادڪ آهي.

شري لاچار صاحب اَسانجي سامهون مخاطب آهن ۽ مان مرلي گووندااڻي پرسار ڀارتي ڪٽنب ۽ سيني ٻڌندڙن پاران انهن جو دِلي سواگت ڪيان ٿو. لعل صاحب توهان جو آڪاشواڻي اِستوڊيو ۾ سواگت آهي اچو ته سوالن جوابن جو سلسلو شروع ڪيون.

مرلي : توهان سدا ڪِلمُک سياءَ جا ۽ نه وري ڪنهن جي پڇر ۾ پوندا آهيو، سمجهه ۾ نٿو اچي ته توهان پنهنجو تخلص ’’لاچار‘‘ ڪيئن رکيو، ڇو جو توهان ڪنهن به حالت ۾ لاچار ته لڳو ئي

كيو ۽ سنڌيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيائين. هن کي اها ڏات ورثي
۾ مليل آهي. ته پنهنجي اندر مان به حاصل ٿي اٿس.

مرلي : نه سفارش نه شڪايت، اِدارن پاران ڪتابن تي اِنعام ع
ڪرڻ مهل يا توهان جي ڪنهن خاص ڪتاب تي انعام نه مل
وقت، توهانجو سوچ ڪهڙو رهندو آهي؟

تيج : منهنجا اٽڪل 60 ڪتاب ڇپايل آهن. انهن ۾ ڪي انع
جي لائق آهن پر مونکي خوشي آهي ته مونکي ''گؤرو پرسڪار
۽ ڪن ڪتابن تي انعام مليا آهن. ليڪن ڪنهن خاص ڪتا
تي انعام نه مليو آهي، نه ملڻ جي حالت ۾ مونکي ڪنه
تي شڪايت نه آهي.

مرلي : زندگيءَ ۾ ڪا اَڌوريءَ خواهش رهجي ويئي هجيو
ڄاڻائيندا.

تيج : اِڇائون ته اِنسانن کي هونديون ئي آهن. مان به ڪ
خواهشون من ۾ رکندو هوس. منهنجي زندگيءَ جون خواهش
سڀ پوريون ٿي چڪيون آهن پر هڪ آهي ته مونکي پاڻ
آهي. وڏو هجي يا ننڍو پر هجي ضرور ها. ماڻ به ج
سرڳواس ٿي ويئي.

مرلي : سنڌي نوجوانن لاءِ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪو سنڌيش ڏ
چاهيو ته ريڊيو معرفت ڏيندا.

تيج : سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ جي جوابداري نوجوانن جي آهي
هو گهر ۾ نؤڪريءَ تي ڌنڌي تي، دوستن سان سنڌيءَ
ڳالهائين ته ائين سنڌي ٻوليءَ جو بچاءُ ٿي سگهندو.

مرلي : توهان آڪاشوائيءَ جي سڏ تي اِستوڊيو ۾ پڌاريا اُن لاءِ م
مرلي گووندائي آڪاشوائي پريوار طرفان توهانجا شڪر
ٿو مڃيان ۽ توهانجي صحتمند زندگي ۽ اُجول آئينده
مالڪ جي در پرارٿنا ٿو ڪيان. ''جئه جهوليلال.''

تيج : ڌنيواد. جئه جهوليلال

۾ ڪجھ ڪجھ سڌار ايندو ويو. مونکي ڪنڊلا پورٽ ۾ نوڪري ملي جتي مونکي ريلو همتاڻيءَ جي صحبت ملي ءَ مان ساهتيہ جي رستي تي هلڻ لڳس.

مرلي : توهانجي پهرين ڪهاڻي ڪهڙي هئي، ڪهڙي عمر ۾ لکيوَ ءَ ڇا اُها ڪنهن مخزن ۾ ڇپي، جي نہ تہ توهانجي ڪهڙي ڪهاڻي پهريون ڀيرو ڇپي يا ريڊيو تان پرسارت ٿي؟

لعل : مون پنهنجي پهرين ڪهاڻي 'سنگتراش' اٽڪل 1962 ڌاري لکي هئي جيڪا A.G. آفيس راجڪوٽ جي سنڌي ملازم ڀاران پاس ٿيل سنڌڙي نالي مخزن ۾ شايع ٿي جنهن تي منهنجيءَ هن ڪهاڻيءَ کي پهريون نمبر مليو هو.

مرلي : پهرين رچنا ڇپجڻ تي توهان ڪيئن محسوس ڪيو ءَ اُن بابت پاڻڪن جا ڪهڙا رايا مليوَ؟

لعل : پهرين رچنا شايع ٿيڻ تي مونکي ايتري خوشي ٿي جيتري شادي ڪرڻ تي ٿيندي آهي ءَ پهرينءَ ڪهاڻيءَ کي انعام ملڻ تي وري ايتري خوشي ٿي جيتري پهرئين ٻار ڄمڻ تي ٿيندي آهي. پاڻڪن بہ منهنجي پهرينءَ ڪهاڻيءَ کي ادبي رايي سان خوب ساراهيو.

مرلي : توهانجو پهريون ڪهاڻين جو مجموعو ڪڏهن شايع ٿيو ءَ اُن ۾ ڪهڙيون ڪهاڻيون هيون ؟

لعل : مون پنهنجي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو پنهنجي ئي پهرين قلم بند ڪيل ڪهاڻي ''سنگتراش'' جي عُنوان سان 1963 ۾ ڇپارايو هو جنهن ۾ ڇهہ ڪهاڻيون 107 پيجن ۾ سمايل آهن. هيءُ ڪتاب ڪنڊلا پورٽ ٽرسٽ سنڌي ڪرمچاري ائسوسئيشن آديپور جي سايع ۾ ڇپيو هو.

مرلي : شروعاتي دؤر ۾ ڪهڙن ساهتيڪارن سان توهان جي واقفيت هئي ءَ ڇا اُهي توهانجي ساهتيڪ سفر ۾ مددگار بڻيا؟

ڪانہ ٿا ؟ ٻي ڳالهہ تہ تخلص گهڻو ڪري تہ شاعر ئي رکند
آهن پر توهان تہ اَصل روپ ۾ ڪهاڻيڪار آهيو.

لعل : هم ڪلاسي دوستن سان گڏ ڪو راند-روند جو، يا ڪيڏانهن
گهمڻ جو پروگرام هوندو هو تہ مان اڪثر ليٽ ئي پهچند
هوس تہ هو مونکي ڏسي ڪي ڪاوڙ ۾ چوندا هئا - اچي و
لاچار، هُنن جي ڪاوڙ ۾ مونکي پيار محسوس ٿيندو هو. س
اهو لاچار جو اکر منهنجي دل-دماغ تي اُڪريل ئي رهندو هو
منهنجي دل بہ هميشه چاهيندي هئي تہ مونکي ڪير لاچ
نالي سان سڏي. بس، هن لاچار اکر جي موهہ سبب ئي پنهنج
تخلص لاچار رکيو آهي. ٻين اکرن ۾ چوان تہ مون ننڍپڻ جي
دوستن جي ڏنل سوغات کي سنڀالي رکڻ جي ڪوشش ڪئي
آهي.

مرلي : ٻڌندڙن کي ٻڌائيندا تہ سنڌي ساهتيہ ۾ توهانجي رُچي ڪيئ
پئدا ٿي؟

لعل : شايد مان پهريون ئي اِنسان آهيان جنهن کي حالتن ليکڪ
بڻايو آهي. مان اجمير ۾ رهندو هوس. منهنجي پتا صاحب
1954 ۾ رٽايرڊ ڪيو. اسانکي آمدنيءَ جو ٻيو ڪو وسيلو ڪون
هو. اُن ڪري نوڪريءَ جي لحاظ کان مان پنهنجي انٽر جي
پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي پنهنجي ڀاءُ، جيڪو ڀڄ ۾ نوڪري ڪند
هو، هن وٽ اچي رهيس جو اُن وقت ڪانڊيڊام جي ڪنپ
پورٽ آفيس ۾ سنڌين کي نوڪري ملڻ جا سنا آثار هوند
هئا. ڀڄ ۾ ڪڇي ۽ گجراتي ڀاشائن جو واهپو هو. جيڪ
مونکي اينديون ڪونہ هيون. اُن وقت ٽي.ويءَ جي وندر
ڪونہ هئي. گهر ۾ سڄو ڏينهن واندو ويهي تنگ ٿي پوند
هوس. وقت گذارڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن اچو پنو کڻي اُن تي
ڪجهہ نہ ڪجهہ لکندو هوس ۽ پوءِ پڙهي ڦاڙي ڇڏيندو هوس
اهڙي نموني روز-روز ٿورو لکڻ سان منهنجي لکڻ جي شعلي

پيرو لکي پڙهيو هوس.

مرلي : توهان ڪنڊلا پورٽ ٽرسٽ جا ملازم هئا، مونکي ياد آهي تہ توهانجي آفيس جا ڪجهہ ساٿي گڏجي هڪ ساهتيڪ مخزن ڪڍندا هئا، ڇا توهان ٻڌائيندا تہ اُها مخزن ڪهڙي نالي سان ۽ گهڻا ورهيہ شايع ٿيندي رهي ۽ توهان جي اُن ۾ ڪهڙو رول رهيو؟

لعل : ڪنڊلا پورٽ ٽرسٽ جي سنڌي ملازم هڪ سنڌي مخزن چنچل نالي سان ڇپائي هئي. اُن جي ٻن ٽن سالن بعد هڪ ٻي مخزن مانجهيءَ نالي سان ظاهر ٿي. اٽڪل اٺن ڏهن سالن ڪانپوءِ وري ''ڇوليون'' نالي سان مخزن شايع ٿيڻ لڳي جنهن جا ٽي-چار انڪ مس شايع ڪياسين جو ريلو همٿائي، جيڪو مخزن جو مکيہ سمپادڪ هو. بيماريءَ سبب رٽايرمينٽ وٺي اجمير هليو ويو هو ۽ اُتي ئي گذاري ويو. بس پوءِ ڇوليون مخزن شايع ٿيڻ بند ٿي وئي. مان هن مخزن جو سهہ سمپادڪ هوس.

مرلي : توهانجون ڪهاڻيون آڪاشواڻي پڄ تان لڳاتار پرسارت ٿينديون رهنديون آهن، توهان ڪڏهن کان آڪاشواڻيءَ سان جڙيل آهيو؟

لعل : منهنجون ڪهاڻيون آڪاشواڻي پڄ تان 1965 کان رلي ٿينديون رهنديون آهن. منهنجي پهرين ڪهاڻي اُن وقت جي ريڊيو اناؤنسر ڪماري جيا ايسراڻي جي وقت رڪارڊنگ ٿي هئي.

مرلي : توهانجي هڪ ڪهاڻي مهاراشٽر جي ڏهين درجي جي سنڌي ڪتاب ۾ پڙهائي ويندي آهي، اُن ڪهاڻيءَ بابت ٻڌائيندا.

لعل : ها. اهو برابر آهي. منهنجي هڪ ڪهاڻي پاپ نالي مهاراشٽر راجيہ جي ڏهين درجي جي سنڌي درسي ڪتاب ۾ ڇپي هئي جا ٽن سالن لاءِ پڙهائي وئي هئي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريل آهي تہ پٽ ڏنوان ٿي وڃڻ جي باوجود پيءُ قاتل-ٽنل ڪپڙا

لعل : شروعاتي دؤر ۾ هت گانڌيڌام - آديپور ۾ دادا دکايل ۽ داد
هري دلگير کانسواءِ کي بہ ساهتيڪار ڪونہ هئا. بس پور
۾ ڪجهہ دوست هئاسين جيڪي پنهنجي من جي ترپتيءَ ل
ڪڏهن ڪڏهن رچنائون پيا لکندا هئاسين. اسانکي ڪو
گاڊ-فادر ڪونہ مليو هو.
انڪل 1960 ڌاري خودمختيار گجرات سنڌي ساهتي
اڪادميءَ جي رچنا ٿي جنهن پاران ساهتڪ سيمينار جو آيوج
ٿيندو هو. هتان بہ ڪن اديبن کي سيمينارن ۾ شرڪت ڪر
جي نينڊ ملندي هئي. سيمينارن ۾ ڪيترن ئي ساهتيڪار
سان گڏجاڻي ٿيندي هئي جن وٽان ڇڱو ڪجهہ سکڻ جو موقع
ملندو هو. شري ڇينو لالواڻي، جيڪو گجرات سنڌي ساهت
اڪادميءَ سان جڙيل هو، نون ليکڪن کي اُتساهت ڪرڻ جي
خيال کان سنڌي سيمينارن ۾ شامل ڪرڻ جو پريتن ڪندو هو
اسان هن صاحب جا شڪرگذار آهيون.
مرلي : هيل تائين توهان جا گهڻا ڪتاب ڪهاڻين جي روُپ ۾ شاي
ٿي چڪا آهن ۽ اُنهن ۾ گهڻيون ڪهاڻيون شماريل آهن؟
لعل : هيل تائين مون اٺ ڪتاب ڇپايا آهن - پنج ڪهاڻين جا -
آزاد نظمن سان ۽ هڪ ادبي - ليکن جو. مون انڪل 65 کان 0
ڪهاڻيون لکيون آهن.
مرلي : توهانجي ڪهڙي ڪهاڻي توهانکي سڀ کان وڌيڪ بهتر لڳندي
آهي ۽ ڇو؟
لعل : هرهڪ ليکڪ کي پنهنجون رچنائون پنهنجي اولاد جيا
پياريون ۽ منيون لڳنديون آهن. تنهن ڪري ڪنهن بہ ليکڪ
کي پنهنجيءَ رچنا کي بهتر رچنا ظاهر ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ٿيند
آهي. منهنجون سڀ ڪهاڻيون سماج کي ڪو نہ ڪو سنديش
ڏينديون آهن. هاڻ بہ جڏهن جڏهن مان پنهنجون ڪهاڻيو
پڙهندو آهيان، مونکي اوترو ئي آنند ايندو آهي جيترو پهريو

مان مونکي پريرٽا ملندي رهي ۽ ڪجهہ ادبي ليک ۽ مضمون لکڻ لڳس. آڪاش واڻي پيچ وارا بہ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ليک جي وشيہ جو عنوان ڪي رڪارڊنگ لاءِ گهرائيندا آهن. جڏهن چڱا ليک گڏ ٿي ويا تڏهن اُنهن کي ’ادبي ڪوڏ‘ نالي ڪتاب ۾ ڇپايو آهي.

مرلي : مونکي لڳي ٿو تہ جيئن توهانجي عمر وڌي ٿي تيئن تيئن توهانجي لکڻ ۾ تيزي ايندي ٿي وڃي، توهان جي ڪتابن مان ڏهن-ڏهن سالن جي وٿي آهي پر گذريل ٽن سالن ۾ توهان جا ٽي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، اِن جو سبب ؟

لعل : اهو برابر آهي تہ مون پنهنجو آزاد نظم جو ڪتاب ’’ڪنڌهر جي آرزو‘‘ سال 1999 ۾ ڇپايو هو ۽ ڏهن سالن کان پوءِ ادبي ليکن ۽ مضمونن جو ڪتاب ’’ادبي ڪوڏ‘‘ سال 2009 ۾ ظاهر ڪيو. ڏهن سالن جي وڇوٽيءَ جو مکيہ ڪارڻ آهي تہ اجنتا ساهتيہ سنگم، گانڌيڌام پاران سالياني سنڌي ادبي مخزن ’’ڇوليون‘‘ سال 2001 کان نيم سان شايع ڪئي ويندي آهي جنهن جو مان سمپادڪ آهيان. هن مخزن جي هر انڪ پنيان لڳ ڀڳ ڇهن مهنن کان وڌيڪ وقت لڳي ويندو آهي. مخزن بنا ملهہ هئڻ ڪري اُن جي خرچ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ بہ وڌيڪ وقت ڏيڻو پوندو آهي. انهيءَ ڪري پنهنجو ڪتاب ڇپائڻ جو وقت ئي ڪونہ ملندو هو. ڏهن سالن جون منهنجون لکيل رچنائون گڏ ٿي ويون هيون ۽ ڪن دوستن جي آگره تي پاڻ کي توري وڌيڪ تڪليف ڏئي ٽي ڪتاب - ادبي ڪوڏ (2009)، ننڍو قد وڏو پاڇو (2010) - خواهش جو وهڪرو (2010) ڇپايا ويا.

مرلي : توهان سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جا چونڊيل ميمبر پڻ رهي چڪا آهيو، پنهنجي پنجن سالن جي عرصي ۾ اڪادميءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ يوگدان جي ڄاڻ ڏيندا؟

ئي پائي ٿو، رستي جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي جيون گذر ڪ
ٿو. ڏنوان پٽ گذاري وڃي ٿو ۽ شمشان ۾ اگني سنسڪار
اڳ هن جي متان پيل چانديءَ جي پرت واري چادر،
نيڪ انسان، جيڪو گهر جي سيني ڀاتين کي سنڀاليندو
ڪنهن نموني لڪائي ڪٽي اچي هن جي پيءُ جي شرير مٿ
وڃهي ثواب جو ڪم ڪري ٿو. پر پوءِ هن مٿان پاپ ۽ چور
جو ڏوهه مڙهيو ويو. نيڪ انسان پنهنجي صفائيءَ ۾ ٻڌا
ٿو ته هن نه پاپ ڪيو آهي ۽ نه وري ڪا چوري. بس پٽ
چادر لاهي پيءُ جي اڌ اُگهاڙي سرير کي ڍڪيو آهي. اڄ ڪا
پُٽ پيءُ سان ڪيئن هلن ٿا اُن جو من موهيندڙ ذڪر ڪ
آهي.

مرلي : توهانجي لکڻيءَ جي چاليهن ورهين کان پوءِ توهانجو
شاعريءَ جو ڪتاب شايع ٿيو، ٻڌائيندا ته هيترن ورهين ڪا
توهان کي شاعريءَ جو شوق ڪيئن جاڳيو؟

لعل : ٻه ٽي ڏهاڪا کن اڳ ساهتيه ۾ هڪ نئين صنف آزاد ن
جي نالي سان پرچلت ٿي آهي. ڇهي ايياس ڪرڻ ڪا
مان به لکڻ لڳس. جڏهن نظم ڇهه گڏ ٿي ويا تڏهن اُنهن
سال 1999 ۾ ڪتاب جي روپ ۾ پاٺڪن کي ڏنو. ڪتاب
نالو آهي ”ڪنڌهر جي آرزو“

مرلي : هيل تائين توهانجا گهڻا شاعريءَ جا ڪتاب ڇپجي چ
آهن؟

لعل : بس صرف هڪ ئي ڪتاب ڇپيو آهي، ”ڪنڌهر جي آرزو“

مرلي : مضمونن جي حوالي ۾ ٻڌائيندا ته پنجاهه سالن کان
توهانکي ڪيئن خيال آيو ته مضمون لکان ۽ ڪتاب ڇپايا

لعل : هونئن ته مان ڀهرين ڪهاڻيون ئي لکندو هوس. پر سيمينا
۾ ڀاڳ وٺڻ سان معلوم ٿيو ته ساهتيه جي سرجن ڪرڻ
ڪهاڻيءَ کانسواءِ ٻيا به ڪيترا وشيه آهن. سيمينارن جي مقا

ڪري سيمينارن جي آيوجن جي فهرست تمام وڏي آهي.
ڪجهه ۾ ٻه ڪجهه ڪهاڻي ورڪشاپ آيوجن ڪيا آهن. تنهن ڪانسواءِ اسڪولي ٻارن ڪي انهاسڪ ۽ سانسڪرتڪ استانن جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ روبرو وني وڃي گهمايو آهي. باقي رهيو سوال سيمينارن بابت سلسلي وار ڄاڻ ڏيڻ جي. اُن لاءِ ڪافي وقت گهرجي پر هت وقت جي مريادا آهي.

مرلي : توهانجا ناٽڪ آڪاشوڻيءَ تان پرسارت ٿيندا رهندا آهن، اُن وشيه ۾ ڄاڻائيندا ته توهان گهڻا ناٽڪ لکيا آهن ۽ اُنهن مان گهڻا آڪاشوڻيءَ تي اچي چڪا آهن؟

لعل : مون ناٽڪ هرويرو گهڻا ڪونه لکيا آهن ڇاڪاڻ ته هڪ ناٽڪ کي ڇپڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 10 کان 12 پيجن جي ضرورت آهي. ايترا پيج ڪنهن به پبلشر لاءِ ميسر ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي. ناٽڪ جي رچنا کي ناٽڪ جي روپ ۾ اسٽيج تي پيش ڪرڻ لاءِ گهٽي ناٽي جي ضرورت پوندي آهي. ان ڪري مون تمام ٿورائي ناٽڪ لکيا آهن. آڪاشواڻي ڀڄ جي سڏ تي ڪڏهن ڪڏهن ناٽڪ لکندو آهيان. ريڊيو ڀڄ تان پرسارت ٿيل منهنجا مقبول ناٽڪ آهن - ڪلومل جي لاٽري - هو به هو، هيءُ به آهي - شهناين جا سوُدا - هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل هڪ مذاقي ناٽڪ آهي.

مرلي : توهانجو هڪ ناٽڪ سنڌي ڪڇي ٽي.وي. چئنل تي پڻ ڏيکاريو ويو آهي، مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته اُن جي سي.ڊي. ڪيئن ٺهي ۽ ڪن ڪلاڪارن اُن ۾ شرڪت ڪئي؟

لعل : ها 'شهناين جا سڏڪا' نالي ناٽڪ جي هڪ ڊي.وي.ڊي. سنڌي ڪڇي ٽي.وي. چئنل وارن ناهي آهي جيڪا ٽي.وي.ءَ تان ڇهه ڀيرا ڏيکاري اٿئون. هن ناٽڪ ۾ ڪل چار پاتر آهن جن کي آديپور جي ڪلاڪارن تمام سٺي نموني نڀايو آهي. ناٽڪ جو ڊئريڪٽر آهي ڄاتل سڃاتل شري مهيش ڪلناڻي. جنهن

لعل : مان پنج سال يعني سال 2001 کان 2005 تائين گجرات سنڌ
ساهت اڪادمي گانڌينگر جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ميم
تي رهيو هوس. هن عرصي ۾ مون سنڌي ٻولي، ساهت، ڪ
سنسڪرتيءَ جي وڪاس لاءِ ڪيترا ئي نهراوَ پاس ڪرائي اُن
۾ دلچسپي وٺي عمل ڪرايا. ڪڇ جي ڪيترن ئي شهرن
ڳوٺن ۾ سيمينارن جا آيوجن ڪرايا هئا.

مرلي : توهانجو ناتو اکل ڀارتيہ سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سڀا سان
جڙيل آهي. توهانجو اِن سڀا سان ڪيئن لاڳاپو ٿيو ۽ ڪ
کهڙا عهدا ماڻيا ؟

لعل : مان اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت پرچار سڀا، اُلهاسنگر ج
ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ميمبر آهيان. هن سنستا پاران س
2002 ۾ دادا دڪايل ۽ هري درياڻي 'دلگير' جي فن ۽
گانڌيڌام ۾ سيمينار جو آيوجن ڪيو ويو هو جنهن جو م
ڪنوينر هوس. هيءُ سيمينار سڀا جو هڪ يادگار سيمينار ليک
ويندو آهي. هن سيمينار بعد سڀا جو قد بہ وڌو ٿي ويو ۽ مونک
سڀا جو سيڪريٽري چونڊيو ويو.
اڳئين سال هن سنستا پاران احمدآباد جي نامور ساهتيڪ
شري گوبند خوشحالاڻيءَ جي فن ۽ شخصيت تي هت گانڌيڌ
۾ سيمينار ڪيو ويو هو جنهن جو پڻ مان ڪنوينر هوس. هي
سنستا برابر سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي وڪاس ۾ پنهنجو ر
چڱيءَ طرح نڀائي رهي آهي. 100 کان متي سيمينارن
آيوجن ڪرڻ جو رڪارڊ بہ هن سنستا جي نالي آهي.

مرلي : توهان گهڻن ئي سيمينارن ۾ شرڪت ۽ آيوجن ڪيو آهي،
بابت ڪجهہ سِلسليوار ٻڌائيندا.

لعل : مان گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جو ڪاروباري ميمبر هئ
جي ناتي هت ڪڇ ۾ جيڪي بہ اڪادميءَ پاران سيمين
آيوجن ٿيندا هئا مان اُنهن جو ڪنوينر هوندو هوس. انهي

اخلاقي فرض سمجهندو آهيان.

مرلي : ڇا توهانجون رچنائون ٻين ٻولين ۾ پڻ انواد ٿي چڪيون آهن؟ جاڻ ڏيندا؟

لعل : ها منهنجون رچنائون هندي ٻوليءَ ۾ انواد ٿي، ڪيترين ئي مخزنن ۽ اخبارن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن جن ۾ خاص آهن ''سريپي ۽ چيتنا-مُرڪ وغيره.

مرلي : ڇا هن وقت توهانجو ڪو نئون ڪتاب ڇپائڻ لاءِ تيار آهي، جي نه ته نئين ڪتاب جي ڪهڙي تياري اَٿو؟

لعل : مون گذريل ٽن سالن کان هر سال هڪ ڪتاب ڇپايو آهي. هن سال ڪتاب ڇپائڻ جو هال ڪو ويچار ڪونهي. ها ڪهاڻين جي ڊي.وي.ڊي. ٺهرائڻ جو پلان ڪري رهيو آهيان. جنهن ۾ منهنجو آواز نه پر هرهڪ ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن ٻئي ساهتيڪار جو آواز هوندو.

مرلي : تعليم جي ڪيتر ۾ توهان آديپور جي انگليش اسڪول جا مُنڊ کان وني ٽرسٽي آهيو، اُن سنستا ۽ سڪول جي باري ۾ ڪُجھ ٻڌائيندا؟

لعل : منهنجي ڪنهن رشتيدار کي ڪانڊيڊام ۾ وڏو پلاٽ هو. هن مونسان اُن تي اسڪول ٺهرائڻ جي اِڇا ظاهر ڪئي. جيئن ته مان ساهت سان جڙيل آهيان. اِنهيءَ ڪري مان هن ڪم کي پنهنجو سمجهي ڪاريه کي لڳي ويس ۽ جي.پي. سوشل ٽرسٽ رجسترڊ سنستا جي سائعي ۾ سال 1992 ۾ لرنرس اڪادمي اسڪول جي نالي سان چالو ٿُو. شروعات نرسري ڪلاس سان هئي ۽ پوءِ هر سال هڪ هڪ ڪلاس وڌايو ويو. هاڻ هيءُ اسڪول ٻارهين درجي تائين آهي ۽ 400 کن ٻار آهن. مان اسڪول جو برپا ڪندڙ مئنيجنگ ٽرسٽي آهيان.

مرلي : گهر وارن جو توهانجي لکڻيءَ ۾ ڪيترو ساٿ سهڪار رهيو آهي؟

لعل : منهنجي گهرواري سنڌي لپيءَ ۾ مئٽرڪ آگري مان پاس ڪيل

نؤڪر جو رول بہ ادا ڪيو آهي.

مرلي : هينرا ناٽڪ لکڻ کان پوءِ بہ اڃان تائين توهانجي ناٽڪن مجموعو ڪو نہ ڇپيو آهي، ڇا ايندڙ وقت ۾ ناٽڪن مجموعو ڇپائڻ جي ڪا رِٿ اٿو؟

لعل : ناٽڪن جي ڪتاب ڇپائڻ جي ڪوشش جاري آهي. ايش ڪندو تہ اها رٿا جلد عمل ۾ ايندي.

مرلي : توهان سنڌي ساهتيہ جي واڌاري لاءِ ساليانو مخزن پنهنج سمپادن هيٺ ”اَجنتا ساهتيہ سنگم“ دوارا ڪڍندا آه ڄاڻائيندا تہ گهڻن سالن کان اُها شايع ٿي رهي آهي؟

لعل : ساليانو سنڌي ادبي مخزن ”ڇوليون“ ائين تہ 1982 ک ڇپجڻ شروع ٿي آهي جنهن جو مکيہ سمپادڪ سرڳواسي ر همتاڻي هو ۽ مان سهہ سمپادڪ هوس. پر ڪجهہ ئي انڪ ظا ٿيڻ بعد ريلو همتاڻيءَ جو ديهانت ٿي ويو ۽ مخزن جي ڇپج کي انڪل 15 سالن جي بريڪ لڳي ويئي. پر ڪن ساٿين ج گهڻي زور-بار تي هيءَ مخزن سال 2001 کان منهنجي سمپاد ۾ هر سال ظاهر ٿيندي رهندي آهي. منهنجي سمپادڪ ۾ 3 انڪ ظاهر ٿي چڪا آهن. ايشور جي مهر رهي تہ اڳتي بہ ن سان ظاهر ٿيندي رهندي. بس! ساهتيڪارن ۽ اديبن جو سا جيئن ملندو رهندو آهي اڳتي بہ ملندو رهي.

مرلي : ”ڇوليون“ مخزن کي بنا رنڊڪ ڇپائڻ ۾ توهانکي ڪهڙيو ڏکيائيون ايندڀون آهن ۽ ڪيئن توهان اُن کي پار پوندا آهيو

لعل : ”ڇوليون“ مخزن جي ڇپائڻ ۾ ڏاڍيون تڪليفون پين ايندڀون آهن. جن مان مکيہ آهن : ساهتيڪارن کان معيار رچنائون حاصل ڪرڻ - ڇپائيءَ جي خرچ جو بندوبست ڪرڻ ڇپائيءَ جون سهوليتون گهٽجي ڏاڍيون ۾ نہ هئڻ وغيره ڪانسواءِ گهڻن ئي ننڍين-ننڍين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي پر سنڌيت کي قائم رکڻ لاءِ اهو يوگدان ڏيڻ مان پنهنج

آهيان اُهو سڀ هئڻ جي شڀ اِڇائن جي ڪري آهيان. نالا نه ونيٰ بس هنن جي شڪر گذاري مڇين سيس نمايان ٿو.

مرلي : ڦهرين مارچ تي توهان 75 سال پورا ڪندا، چوندا آهن پنجهتر سالن جي ڄمار جي معنيٰ آهي سنياس. ڇا توهان پنهنجي لکڻي چالو رکندا يا لکڻ کان سنياس وٺندا؟ ۽ ڪيسين تائين لکندا رهندا ؟

لعل : هن سال ڦهرين مارچ تي مان پنهنجي جيون جا 75 سال پورا ڪندس. سنياس وٺڻ جو ڪوبه ارادو ڪونهي. سنياس معنيٰ پاڻ کي جيئري ئي اپائج بڻائڻ. شرير کي هلائبو ته هلندو رهندو ۽ صحت رهندي. بس جيسين شرير ساٿ ڏيندو رهندو ته هلندو رهندس - لکندو رهندس... لکندو رهندس ۽ هلندو رهندس.

مرلي : پڇاڙيءَ ۾ سنڌي جاتيءَ لاءِ توهانجو ڪو سنديش؟

لعل : ها هڪڙو ننڍڙو سنديش آهي. اسان سنڌو سڀيتا جا وارث آهيون. تنهن ڪري هرهڪ سنڌي پنهنجو اخلاقي فرض سمجهي ڪنڌ مٿي ڪري فخر سان چوي مان سنڌي آهيان.

مرلي : آڪاشوائيءَ جي سڏ تي توهان اِستوڊيو ۾ پڌاريا اِن لاءِ اَسان توهانجا ٿورائتا آهيون، توهانجي اُجوَل آئينده ۽ صحتمند زندگيءَ لاءِ مان مرلي گووندائي آڪاشوائي پريوار سان گڏ سدا پرارٿي آهيان. جئه جهوليلال.

لعل : جئه جهوليلال - سدائين گڏ.

آهي. هن کي اسڪول وقت کان ئي سنڌي ٻوليءَ سان د
چاهه آهي. اسڪولي مخزنن ۾ هن جون لکيل رچنائون ش
ٿينديون هيون. هن جو پتا صاحب به اُن اسڪول ۾ ماستر
۽ کيس اسڪول جي ٻين Activities ۾ ڀرو ونڻ لاءِ اُتسائين
هئس. اُن سبب هوءَ ساهت سرجڻ ۾ مونکي ساٿ سهڪار ڏيند
رهندي آهي.

مرلي : هر ليکڪ جي لکڻيءَ تي ڪنهن نه ڪنهن هستي ليکڪ جو
ڏنو ويو آهي. ڇا اِها ڳالهه توهان سان پڻ لاڳو آهي؟

لعل : ها برابر مڃيو ويندو آهي ته هرهڪ ليکڪ جي رچنائن ۾ ڪن
نه ڪنهن ليکڪ جو اثر هوندو آهي. پر جيئن ته مان اڳ
ذڪر ڪري چڪو آهيان ته حالاتن مونکي ساهت ڪيتر ۾ آ
آهي. اُن وقت هت دادا دکايل ۽ دلگير صاحب ڪانسواءِ
ڪي ساهتيڪار نه هئا ۽ منهنجو اُنهن سان گڏجڻ اتفاق س
ئي ٿيندو هو. تنهن ڪري منهنجي رچنائن ۾ ڪنهن به ٻن
ليکڪ جو اثر پيو ڪونهي.

مرلي : اَدبي ڪيتر ۾ توهانکي مليل مان سنمان ۽ انعامن مان توه
ڪيتري قدر خوش آهيو؟

لعل : مان پنهنجي من جي سڏ تي ئي ادبي ڪيتر ۾ آيو آهيا
تنهن ڪري مان ڪڏهن به مان-سنمان جي اِڇا رکندو ڪ
آهيان. جيڪو ڪجهه مليو واهه-واهه نه مليو تڏهن به واهه و
هونئن به وڏيڪ اڇائون من جي رنج جو ڪارڻ هونديون آه
جيڪو به مليو آهي اُن مان سنتوش آهي ۽ سنتوش آهي مون
پنهنجي رچنائن مان.

مرلي : توهانجي اَدبي سفر يا پاريوارڪ مسئلن ۾ ڪي خاص سا
يا دوست، جن کي توهان سلام ڪري سگهو؟

لعل : ساهت سفر ۾ مونکي ڪيترن ئي سڄڻن ساٿ سهڪار ڏنو آه
۽ اڃان ڏيندا رهندا آهن. اڄ مان جنهن ننڍي-وڏي منزل

شري گيانچنداڻي صاحب اِسٽڊيو جي ڪرسيءَ تي براجمان آهن ۽ ونڪي يعني مرلي گووندائيءَ کي ڇيو ويو آهي تہ مان هنن ڀهومکي خصيت جي جيون جي باري ۾ ٻڌندڙن کي مختصر ڄاڻ ڏيان.

هن صاحب جو پورو نالو ڇتو ٽڏومل گيانچنداڻي آهي. پاڻ کي 'ساجن' ڪري سڏائيندا آهن. هنن جو جنم ورهاڱي کان ٻہ سال پهرين سنڌ جي ا روشاهہ شهر ۾ ٿيل آهي. ورهاڱي بعد هنن جا پناشري پهرين اجمير ۾ آيا پوءِ گانڌيڌام جي اڏجڻ بعد ياڻي پرتاپ جي نينڊ تي آديپور ۾ اچي وسيا. آديپور ۾ پڙهيا ايم. ڪام ۽ ايس.ٽي. سي. پاس ڪري، ڊا. چوئٿرام گدواڻي سنڌي هاءِ اسڪول ۾ ماستر، سپر وائيزر ۽ پرنسيپال ٿيا. تيرهان سال پرنسيپال جي پد تي رهڻ کان پوءِ 2004 ۾ رٽائر ٿيا ۽ هن وقت سنڌي ڪڇي ٽي.وي. چئنل جيڪا سڄي ايشيا ۾ مفت ڏيکاري وڃي ٿي جي مئنجمينٽ، سنڀالي رهيا آهن. هن ڪانسواءِ ڪِن تعليمي سنستا جا سيڪريٽري ۽ ٽن ساهتيڪ سنستائن جا اُپ پرمک آهن.

هاڻي مان مرلي گووندائي ''ساجن'' صاحب ڏانهن مخاطب ٿيان ٿو ۽ سندن آڪاشواڻي ڪٽنب ۽ توهان سيني ٻڌندڙن جي پاران هنن جو سواگت ڪريان ٿو. ساجن صاحب توهانجو دلي سواگت آهي.

سوالن جوابن جو سلسلو مان توهانجي هڪ شعر سان ڪندس ڇو جو چوندا آهن شاعر جو عڪس ان جي شاعريءَ مان ئي اُجاگر ٿيندو آهي.

نہ ڪپي قيد پڃري جو، نہ آکيري ۾ آرام
مان آزاد پنڇي، آڪاس آ منهنجو مقام.

مرلي : توهان جي هيءَ اُڏام کهڙن کهڙن وشين سان واسطو ٿي رکي ۽ کهڙيون اوچايون حاصل اٿو ؟

ساجن : منهنجي هيءَ اُدام منهنجي زندگيءَ سان واسطو رکي ٿي. منهنجي زندگي عجيب رنگين ۽ آوارا رهي آهي. پڙهڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ اِهي ٽيئي ڪاميون مون ۾ ننڍپڻ کان ئي آهن.

ريڊيو ملاقات :
شري سي.ٽي. گيانچنداڻي 'ساجن'

ملاقات وٺندڙ : مرلي گووينداڻي

''مشغوليءَ جي پڄري ۾، جذبات گرفت آهي،
غم تون هليون وڃ، آنسن لاءِ وقت ناهي.''

اهڙي ڪلمڪ سياءَ ۽ ويچارن جا ڌڻي، جيڪي غمن کي ڌڪارين تا
جن کي آنسن لاءِ وقت ناهي. اڄ هن وقت آڪاشواڻي اِسٽڊيو ۾ اسانجي
سامهون مخاطب آهن سنڌي ساهتيہ جي ڄاتل سڃاتل شخصيت شري سي
ٽي. گيانچنداڻي 'ساجن'. هنن کي هن سالئي راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس
پريشد، نئي دهليءَ پاران سندن ڇپيل ڪهاڻين جي ڪتاب ''پينگهي جو
پرساد'' تي سريشٽ ڪتابن جي انعامي يوجنا ۾ پنجاه هزارن رپين جو
انعام مليو آهي. اِن کانسواءِ سندن چئن ڪتابن تي گجرات سنڌي ساهتيہ
گانڌينگر پاران پڻ انعام مليل آهن.

ساهتيہ سان گڏوگڏ شري گيانچنداڻي صاحب جي هرديہ ۾ ديش سيوا
جو جذبو پڻ ڀريل آهي. ساجن صاحب ڀارتيہ اسڪائوٽ گائيڊ سنگهه
گجرات صوبي جي ڪڇ ضلعي جو ڪمشنر پڻ آهن. هنن کي سال 2012
لاءِ ''راجيپال پرسڪار'' حاصل ٿيل آهي. سماجڪ ڪيتر ۾ پڻ هنن جون
امولیہ شيوائون عطا ڪيل آهن جنهن لاءِ هنن کي 1999 ۾ سنڌي يوٿ
سرڪل پاران ''سريشٽ مانو پرسڪار'' ۽ 2000 سال لاءِ ''اِسٽار پرسنلٽي
آف گانڌيڌام''، ڪڇ ڪلچرل ۽ فائين آرٽس ائسوسئيشن جي پاران ڏنو
ويو آهي. لائينس ڪلب آف گانڌيڌام پاران ''لائيف اچيومينٽ اوارڊ''
مليل آهي.

جيڪي پڻ ساهتيہ جا شونقين هئا. اسڪول جا ڪتاب پوءِ، پهرين ناول ۽ آڪاڻين جا ڪتاب.

مرلي : توهان پنهنجو تخلص ’ساجن‘ سڏايو، ڇا اُن جي پٺيان ڪو راز؟

ساجن : ”ساجن“ تخلص سان منهنجو ٻيو نالو پڻ آهي جو منهنجي ڇٺيءَ تي ڇتو نالو نڪرڻ ڪري ڇٺيءَ وقت ئي ٻن مسلمانن ٻينرن اهو نالو ڏنو هو، ڪين ياءُ ڪونہ هو. انهن ڇٺيءَ وقت ئي مونکي پنهنجو ياءُ ڪري مڃيو هو. منهنجي ”ساجن“ نالي ڪهاڻي ان بابت ئي لکيل آهي.

مرلي : توهان اجمير مان هتي آديپور آيا - ٻارهان سال توهان اجمير ۾ رهيا، ٻالپڻ جو گهڻو حصو توهان اُتي گذاريو، ڪجھ اهڙا دوست-ساٿي ياد اٿو جيڪي توهان وانگر ساهتيہ ۾ آيا هجن.

ساجن : اجمير ۾ مان آگرا گيٽ جي اسڪول ۾ پنجين تائين پڙهيو هئس. جتي سائين ٽلومل هيڊماسٽر هوندو هو. مون سان گڏ پريم سنگھ پڻ پڙهندو هو. ڇهون درجو وري سائين هرچندراءِ هيڊماسٽر جي ٽوبدري واري ڪملا نهرو هاير سيڪنڊري اسڪول ۾ پڙهياسين. پوءِ مان گانڌيڌام هليو آيس ۽ هو احمدآباد هليو ويو. اُتي ان پريم پرڪاش جي نالي سان ساهتيہ جي کيتر ۾ چڱو نالو ڪمايو ۽ ڊاڪٽر جي ڊگري پڻ حاصل ڪئي. ٻئي دوست ساهتيہ کان پري رهيا.

مرلي : توهان ٻهومکي ليکڪ آهيو، سنڌيءَ جي هر صنف تي توهان لکيو آهي، جنهن ۾ مکيہ آهن شاعري، ڪهاڻي، مضمون ۽ ناٽڪ. مهرباني ڪري ٻڌندڙن کي پنهنجي لکيل ڪتابن جي سلسليوار ڄاڻ ڏيندا. پهرين شاعريءَ جي باري ۾؟

شاعريءَ ۾ توهانکي مئخاني ۽ عشق جو شاعر چيو ويندو آهي توهانکي سنڌي عمر خيام پڻ ليکيو ويندو آهي. زندگيءَ جي

ديش ۾ چئن شهرن جون گهٽيون گهٽيون ڇاڻيون آهن. چڱو
وشين جو ايڀاس ڪيو آ، پر لکيو صرف ٿورن وشين تي آهي
صبح جو اُٿڻ ڪانپوءِ آرام حرام آ، ٽيستائين جيستائين ٿڪاوٽ
بيهوش ڪري پلنگ تي نه سمهاري. مون پنهنجو قلم ساهتيہ
جي مضمون، ناٽڪ، ڪهاڻين ۽ شاعريءَ جي صنفن تي آزمايو
آهي ۽ سيني صنفن تي راجيہ سرڪار جي اڪادميءَ جو انعام
حاصل ڪيو آهي.

مرلي : ڪجهہ پنهنجي ساهتيہ جي اُڏام جي باري ۾ ڄاڻائيندا؟

ساجن : منهنجن مضمونن ۾ وشيہ جي گهرائي ناٽڪن ۾ هاسيہ ۽ وِينگ
ڪهاڻين ۾ اجو ڪين حالتن جو بيان آهي ته شاعريءَ ۾ موج
مستيءَ سان گڏ ڇلڪندڙ ڳوڙها پڻ آهن.

مرلي : توهان ۾ ساهتيہ جو آغاز ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿيو؟

ساجن : 1963 جون مهني ۾ منهنجي جيجاجي شري ڪانجيلعل قاص
جڏهن مونکي سنڌيت جي شيدائي ڀڳوان ايپچندائيءَ سا
ملاقات ڪرائي تڏهن سنڌيت جي شيوا ڪرڻ خاطر د
چوئٿرام گدوائيءَ ۾ نوڪريءَ جي آفر قبول ڪري سنڌ
ماڌيم جي ڪلاس جي شروعات ڪئي. جنهن ساهتيہ ڏانه
رُچي وڌائي ۽ لکڻ لاءِ مجبور ڪيو. ساهتيہ پڙهڻ لاءِ رُچي
مئتري مها وديالیہ ۾ جڏهن انين درجي ۾ آيس ته پئدا ٿي
ان وقت سائين ڦتنداس پرياڻي اسڪول جي لئبرريءَ جا
انچارج هو. ان اسان ٽن شاگردن کي ڪم ۾ مدد لاءِ رکيو ه
اسان ٽن مان صرف مان هڪ ئي عربي سنڌي ڄاڻندو هئس
مون لئبرريءَ جا سڀ نه رڳا عربيءَ ۾ لکيل ڪتاب پڙهي پو
ڪيا پر هندي ساهتيہ جي چڱن ڪتابن تي پڻ نظر وڌ
ڪتاب پڙهڻ جي عادت مونکي پنهنجي هڪ گهري دوس
ليلاڌر نڪر ۽ سنڌي دوست شيام راهوجا جي سنگ ۾ پئي

سوُر'' (2) دل جا ٽڪرا (3) شرڌانجلي (4) سڪ جي سراهي (5) ٻہ چار ٻول (6) گيت (7) غزل. پريس ۾ ''پريم جا پراڳ ڪڻ. انهن ڪتابن ۾ شاعريءَ جي ڇهين صنفن تي قلم آزمايو آهي.

مرلي : توهان هر وشيہ تي مضمون لکيا آهن؟ پنهنجي مضمون ۽ مضمونن جي ڪتاب جي باري ۾ ٻڌائڻ ڪي واقف ڪندا؟

ساجن : مون مضمونن جا ٻہ ڪتاب ئي لکيا آهن (1) ''ماڪ ڦڙا ۽ پنکڙيون'' جنهن ۾ ساهتيہ جي جدا جدا پهلن تي روشني وڌي آهي. ٻال ناٽڪ، ٻال ڪويتائون، مضمون، سنڌيت ۽ سنڌ بابت بہ لکيو تہ درويش دلپتراءِ ۽ سائين ليلاشاهہ جي ناري جاتيءَ ڏانهن ڪاريہ ۽ شيوا بابت بہ لکيو آهي. (2) ''امرت پان'' آهي جنهن ۾ سنڌي شاعري ۽ ان جي رسن بابت ۽ شاعريءَ جي وياڪرڻ بابت مضمون لکيل آهي. ڊا. ستيش ڪمار روهڙا جي راءِ موجب سنڌي ساهتيہ جي شاعريءَ جي وياڪرڻ جي کوٽ پوري ڪئي آهي.

مرلي : توهانجي ڪهاڻين جي ڪتاب ''پينگهي جو پرساد'' کي نئشنل ۽ راجيہ سطح تي انعام مليل آهي. ان لاءِ اسان سيني جي پاران واڌايون. انعام وٺڻ مهل توهانجي خوشين جي اُڏام ڪيتري هئي؟

ساجن : انعام همت افزائي بہ آهي تہ ڪنڌ جو ڪِلو پڻ آهي. انعام دل ۾ اُتساهہ پئدا ڪري وڌيڪ اڳتي وڌڻ جي پريرڻا ڏئي ٿو. همت ۽ ساهس ڀري ٿو. جسم کي هڪ نئين ڦڙتي ڪجهہ وڌيڪ ڪرڻ لاءِ بخشي ٿو. پر اهو جڏهن فخر مان گهمنڊ ۾ بدلجي ٿو تہ ڪنڌ ۾ ڪِلي وجهي ٿو. پاڻ کي وڏو ٻڌائڻ جي چڪر ۾ وجهي ٿو ۽ ٻين کي ننڍو ٻڌائڻ جئ ڪوشش ڪري ٿو ۽ نہ ملڻ تي يا پاڻ کي گهٽ سمجهڻ واري کي ملڻ تي دل ۾

باري ۾ توهان لکيو آهي :

''هيءُ زندگي آهي هڪ ميخانو،
هر ڏينهن آهي هڪ پيمانو.
عشق عاشقن جي بندگي آهي،
موت عاشقن جي زندگي آهي.

ڇا مئي جو ۽ عشق جو توهان کي جاتي انيو آهي؟

ساجن : شاعر بابت مون چار سٽون لکيون آهن.

ڪڏهن سڪ ۾ سائو ڪڏهن ورهه ۾ لال
ڪڏهن درد ۾ پيلو، ڪڏهن مستيءَ ۾ خوشحال
ڪڏهن رنگين چهرو، ڪڏهن بي رنگ بي حال
شاعر ۽ سانڊي جو ساجن رنگ بدلائڻ محال

مون صرف عشق ۽ مئڪشيءَ تي نه انساني هر پهلوءَ تي لک
آهي. انساني مشيني زندگيءَ تي به لکيو، درد تي به لک
آهي. جيئن لبن جي مرڪ ۾ لڪل خاموش سڏڪا به هون
آهن ڪي آهن اهڙا لڙڪ جي هوندي به نظر نه ايندا آه
سماج تي به لکيو آهي، سنڌيت بابت به لکيو آهي، سنڌ
ياد ڪيو آهي، سڄاڻ به ڪيو آهي.

جيئن دل تي اُڪريل آهي، ڪيئن وساريان تنهنجو نائن
منهنجي مٺڙي سنڌڙي، منهنجي جيجل ما
ٻولي، ساهتيه، ڏن جاتيءَ جو تهذيب آهي ڀا
سوني پينگهي ۾ سهيل سنڌي ڏي سڄاڻ

سماج جي هرهڪ پهلوءَ کي مون شاعريءَ ۾ ڏيکارڻ جي ڪوش
ڪئي آهي.

مرلي : هيل تائين توهانجا گهڻا شاعريءَ جا ڪتاب ڇپيل آهن؟

ساجن : منهنجو پهريون ڪتاب شاعريءَ جو ئي هو. ''ساجن تنهن

سالن کان ڪندا رهيا آيو ان باري ۾ توهان پنهنجا ڪجهه آزمودا ٻڌائيندا؟

ساجن : سترهن سالن جي عمر ۾ ٽي ايس.ايس.سي پاس ڪري مان تعليم سان جڙيو ويس. عربي سنڌي چاڻ ڪري ڏا. چوئٿرام گدواڻي اسڪول ۾ ماستر جي نوڪري ملي. 1963 کان 2004 تائين 41 سال مان هڪ ئي اسڪول ۾ رهيس ۽ سنڌي ٻاشا کي وڌائڻ جي جان سان جاکوڙ ڪئي. سنڌي سميلن، سنڌي ڪلاس هلايا.

مرلي : دادا تيج قابل ۽ سدا حيات چيلارام ڪياڻي صاحبن سان گڏ توهان ٻارن کي سنڌي سيکارڻ جي ڪم ۾ پڻ شامل رهيا. هن وشيه ۾ پنهنجي يوگدان جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻائيندا؟

ساجن : دادا درياڻيءَ جي رهنمائيءَ ۾ دادا تيج قابل سان گڏجي سنڌو وديا پيٺ سوسائٽيءَ جي رچنا ڪئي. ان وسيلي سڄي هندستان ۾ سنڌي ۽ جي.ڪي. جا امتحان ورتا. 1995 کان 2012 تائين چيلي ڪياڻيءَ سان گڏجي بي.ايس.ايف جي جوانن کي پڻ سنڌيءَ سيکارڻ جو هڪ مهني جو ڪورس شروع ڪري ڪين مهني ۾ سنڌي سيکاري. اين.سي.پي.ايس.ايل لاءِ سنڌي سيکارڻ جو ڪورس تيار ڪيو جو ٻه سال ايس.ڪي. ٽي.وي تي سڄي ايشيا ۾ پرسارت ڪيو. ا. ب جو هڪ خوبصورت ڪتاب پڻ ٻارن لاءِ تيار ڪيو.

مرلي : توهان پنهنجي زندگيءَ جا چاليهه سال سنڌي اسڪول ”ڏا. چوئٿرام گدواڻي“ جي حوالي ڪري ڇڏيا. ڇا ان اسڪول مان سنڌي ٻاشا کي ڪجهه فائدو رسيو ؟

ساجن : مان 1963 کان اڄ تائين ان اسڪول سان جڙيل آهيان. 2004 تائين 41 سال مون نوڪريءَ وسيلي جڙيل هئس. انڪانپوءِ اڄ تائين ٽرسٽي طريقي ان سان جڙيل آهيان. اسڪول ۾ پلي

ساڃ، هرديہ ۾ اشانتي پيدا ڪري ٿو.

مرلي : توهانجي ڇپيل ٻين ڪهاڻين جي مجموعي جي باري ۾ پـ
چاڻائيندا؟

ساڃن : ڪهاڻيون گهڻي ڀاڱي هاڻوڪي زماني جي حالتن سبـ
انساني جيون تي پوندڙ اثرن جو عڪس آهن. گنڀيرتا
گهرائيءَ وارا سوچ ۽ وشيہ جي اسپشٽتا آهي.

مرلي : توهان گهڻائي ناٽڪ پڻ سنڌي ساهتيہ کي ڏنا آهن. ڪتاب
جي روپ ۾، ريڊيو تان پرسارڻ، ٽي.وي. تي ڏيکارڻ، سي.ڊي
نڪرڻ ۽ انهن جو ڊائريڪشن ڪرڻ ڏاڍو محنت واري صنف
آهي. پنهنجي ناٽڪن جي باري ۾ سلسليوار ڄاڻ ڏيندا؟

ساڃن : ناٽڪ جا ٽي ڪتاب سنڌي تي سڄاڳ (ٽي ناٽڪ)، پلي آ
مهمان، (12 ناٽڪ) پٽ کيو پرايو (ڇهہ ناٽڪ) ڇپايل آهن
ڪل ڇاليهہ ناٽڪن جون ڊي.وي.ڊي تيار ڪيل آهن. ناٽڪ
سنڌيت ۽ سنڌي جڳت جي سماجڪ توڙي آرٿڪ حالتن تـ
لکيل گهڻي ڀاڱي وندرائيندڙ آهن.

مرلي : ادبي دنيا ۾ توهانکي مليل سڄاڻپ عزت ۽ انعامن مان توها
ڪيتري قدر خوش آيو، ڇا هن ڪان وڌيڪ انعامن جي اِ
اٿو؟

ساڃن : ادب، اديبن جي ويچارن، ڀاونائن، عقل ۽ قابليت جو اه
عڪس آهي جو پاڻڪ نالي آئيني ۾ ڏسڻ ايندو آهي. اڄڪلـ
اهو آئينو ايترو ڌنڌلو ٿي چڪو آهي جو هاڻ اديب کي پنهنج
ڍهلارو پاڻ ٿي عزت، انعام ونڻو پوي ٿو. جنهن ڍُهل ۾ جيتر
آواز اوتري عزت ۽ انعام. پاڻ کي شال پارائڻ لاءِ وويڪ ڪ
چادر پارائڻي پوي ٿي.

مرلي : ساهتيہ سان گڏوگڏ توهان تعليم سان پڻ جڙيل رهيا آهيو
سرڪاري ملٽريءَ جي ماڻهن کي سنڌي سيکارڻ جو ڪم پ

چاهڪ بڻيءَ لپيءَ جي چاهڪ ڪي نيچو ڏيکارڻ ۾ ئي پورو ڪري ٿو ڇڏي. ڀاشا جي واڌاري لاءِ نہ جهڙو خرچ ٿئي ٿو. هينئر اين.سي.پي.ايس.ايل ٻنهي لپين کي گڏ ڪٽي سنڌي ڀاشا کي آڪيسجن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌي ڀاشا ۽ مادري زبان کي ماءُ، ڪنن ۽ زبان وسيلي ٻچائي سنڌي جاتيءَ ۾ جس ڪٽي سگهي ٿي. معصوم ٻار جي هوءَ ماستراڻي ٿي ان کي مادري زبان جو ورثو ڏئي زبان سان امان بابا جهڙا لفظ چئي معصوم جي ڪنن تي منڙا سنڌي لفظ ڏئي جيئن بار بار ڪنن سان ٻڌي ان موجب پنهنجي زبان هلائي ڳالهائي سگهندا. پلي هو عربي يا ديوناگري سکي پر ماءُ کان سنڌي ڳالهائڻ ضرور سکي. گهر ۾ هرڪو سنڌيءَ ۾ ڳالهائي ۽ ٻين سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائي تہ سنڌي ٻچي سگهندي. ٽي.وي. فلمون، موبائيل جهڙن هاٽوڪين ساڌنن، موجب سنڌي ٻوليءَ جو آواز پري نئينءَ ٿهيءَ کي ڏينداسين تہ بنا لپي سکڻ جي سنڌي ڀاشا کي نئين پيڙهي قائم رکي سگهندي. ان سان لپي ختم ڪونہ ٿيندي جن کي ساهتيہ لکڻ ۽ پڙهڻ جو شونق هوندو تہ وڏا ٿي هو پاڻيئي پنهنجي منپسند لپي سکندا. ٻار لپي سکڻ کان ٻچي ويندا. اُهي صرف سنڌي ٻولي ٻڌندا ۽ ٻڌي پاڻ ۾ ڳالهائيندا تہ سنڌي ڀاشا ٻچي ويندي.

مرلي : توهان گهڻن ئي سيمينارن ۾ شرڪت ڪئي آهي ۽ آيوجن پڻ ڪيو آهي. توهانجو هن ڏس ۾ يوگدان ۽ آزمودن جي باري ۾ ڪجهہ ڄاڻ ڏيندا؟

ساجن : سيمينار ورڪشاپ ۽ ٻئي ساهتيہ آيوجن ٿورو ساهتيڪ گيان وڌائيين ٿا پر گهڻي ڀاڱي اهي ميل ميلاپ سان گڏ وير وروڌ کي وڌائڻ لاءِ رکيا ويندا آهن. گهڻي ڀاڱي انهن ۾ پنهنجن کي ڪونيو ويندو آهي. ڪا نئين ڳالهہ نہ هوندي آهي.

سنڌي ماڌيم هليو ويو پر سنڌي وشيہ اجا تائين آهي ۽
سدائين قائم رهندو. اسڪول کي مئنيارٽي جي فاعدي م
سبب سنڌي ماسترن کي رکي سگهبو. گهڻي سنڌي ڀاشا
توڙي ساهتيہ سيمينار اُتسو ميلا پڻ لڳايا ويا آهن ۽ لڳا
سگهبا.

مرلي : گجرات سرڪار جو رُخ سنڌي ڀاشا جي واڌاري لاءِ مايوسي ڀ
رهيو آهي انڪري ئي سنڌي اسڪول لڳ ڀڳ پويون س
ڪٽي رهيا آهن. توهان پاڻ گجرات جي اسڪولن جي ٽيچر
ائسوسئيشن جا پرمک پڻ رهي چڪا آيو. ڇا توهان اهڙا ڪ
سمجهائي سگهايا جو سنڌي ڀاشا کي جيون دان ملي؟

ساجن : اها ڳالهہ سراسر غلط آهي، گجرات سرڪار مئنيارٽي وا
ڀاشائن کي وڌائڻ لاءِ اڄ تائين چڱيءَ طرح سات ڏنو آه
پوشيہ ۾ ڏيندي رهندي. ان تي جي. آر. ڪڍي ڇڏيو آهي
ماترڀاشا ايڇ. ايل تي چاهي ايل.ايل. ڪنهن بہ ڪلاس
ڏهہ ڇٽا هجن، کهڙي بہ ماڌيم جو، راجيہ جو، کهڙو
اسڪول، ان کي اها سهوليت ڏيڻ لاءِ بڌل آهي. نہ تہ ان
ريڪگنائيزيشن ختم ٿي سگهي ٿي. ڪنهن بہ انگريزي چا
هندي ماڌيم جي اسڪول ۾ سنڌي ايڇ.ايل. تي ماترڀاشا
روپ ۾ سنڌي شاگرد ڪٽي سگهن ٿا. پر سنڌي مائٽن کي
چاهہ ڪونهي. سنڌي هڪ وشيہ طريقي پڻ ٻارن کي پاڙهڻ
تيار نہ آهن. ان سبب ئي سڄي گجرات ۾ سنڌي ماڌيم
اسڪول بند ٿي رهيا آهن گڏوگڏ ڪيترن انگريزي تو
هندي ماڌيم جي اسڪولن مان سنڌي وشيہ بہ گم ٿيندو
وڃي. ان لاءِ جوابدار مائٽ ۽ سنڌي سنستائون آهن. سن
لپيءَ جي آڌار تي پاڻ ۾ وڙهي پوريون ٿيون آهن. سن
ڀاشا جي بچاءَ لاءِ فنڊ سنڌي جاتيءَ کان وٺي هڪ لپيءَ

ڏاڍي آهي. خريدارن جي اٿاڻ سان گڏ مفت ۾ ڪتاب موڪلڻ تي پوسٽ تي خرچ بہ سهڻو پوي ٿو پر ڪتاب ليکڪ جا پيدا ڪيل اولاد ئي آهن جنهن ڄمڻ کان وٺي جيسين تائين ڪجهہ ڪمائي ڏئي تيسين تائين پالن پوشڻ جو ۽ ڪمائڻ لائق بڻائڻ جا خرچ تہ پني بہ ڪرڻا آهن.

مرلي : اهي تہ ٿيون ساهتيہ جون ڳالهيون، هاڻي ڪجهہ ٻيون ڳالهيون ڪجن. جيئن تہ 1970 ۽ 1980 جي وچ ۾ هڪ هلچل هلي هئي ”جيئي سنڌ“ توهان ان ۾ سڪريہ حصو ورتو هو. ان هلچل جي باري ۾ ڄاڻائيندا تہ ڀارت ۾ اها ڪيتري قدر سڦل رهي؟

ساجن : حقيقت ۾ ڊا. چوئٿرام گدواڻي اسڪول گانڌيڌام ۾ سنڌيت کي قائم رکڻ جي هلچل جو مکيہ گڙهہ هو. دادا هري درياڻي، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ اُتم جهڙا ٻئي سنڌيت جا شيدائي گانڌيڌام سنڌيت جي هرهڪ هلچل هن جو پروگرام ڀڳوان ايپچنداڻي ۽ سان گڏجي هن اسڪول ۾ ئي ٿاهيندا هئا. انهن شڊيول ۾ سنڌي آڻڻ کان وٺي لپي ۽ ساهتيہ بچائڻ توڙي وڌائڻ جون هلچلون يا سيمينار يا سميلن هن اسڪول ۾ ئي ڪيا ويندا هئا.

مرلي : توهان سماجڪ ڪيتر ۾ پڻ گهڻو يوگدان ڏنو آهي جنهن لاءِ توهان کي سريشٽ مانو پرسڪار ۽ اِسٽار پرسنلٽي آف گانڌيڌام جا انعام پڻ عطا ڪيل آهن. توهان سماجڪ ڪمن جي وچوڙ ٻڌائيندا تہ اُسانجي ڄاڻ ۾ اِضافو ٿيندو؟

ساجن : طوفان ۽ ڀوڪمپ کان اڳ سوشل سروس سرڪل ۽ سنڌي سماج کي گڏجي ڪري غريب ۽ هيٺين وچولي طبقي جي ماڻهن جي رهڻ جا مکان ناهڻ لاءِ اسين چار سوسائٽيون ناهيون. ”جهوليلال“، ”ڪنوررام“ ”ساڌو واسواڻي“ ۽ ”گرو ڪرپا“

مرلي : توهانجو ساهتيہ ۾ ڪو گرو رهيو آهي؟

ساجن : مان ماستر بہ آهيان تہ شاگرد بہ. ڪو وشيہ سمجھڻ لاءِ ماستر
ڪي ان سان واسطا رکندڙ ڇهن ئي ڪتابن جو ابياس ڪري
وشيہ جي گهرائي سمجهي پوءِ سؤلي نموني سمجهائڻو پوندو
آهي. پهرين ششيہ ٿي پوءِ گرو ٿيڻو پوندو آهي. منهنجا اُستاد
جن وٽ پڙهيس ۽ اُهي سڀ ساهتيڪار جن جون رچنائون
پڙهيون آهن اُهي سڀ منهنجا گرو آهن. رس چوسڻ جي عادت
آهي. گند ڪچري کان پاسيرو آهيان. سيني جون سنايون
وٺنديون آهن. اُٽايون ڏسڻ لاءِ مونکي وقت ڪونهي.

مرلي : چيو ويندو آهي تہ هر ليکڪ ڪنهن نہ ڪنهن ليکڪ جي رچنائن
سان متاثر هوندو آهي ۽ انهن جو اثر پڻ ليکڪ جي رچنائن
تي ڏنو ويو آهي. ڇا اِها ڳالهہ توهان سان پڻ لاڳو آهي؟

ساجن : ليکڪ جو پهريون پانڪ هئڻ ضروري آهي. پانڪ هڪ اهڙي
پياس مثل هوندو آهي جو جيتري پيئندا اوتري سندس پياس
وڌندي وڃي پر ڪڏهن پوري نہ ٿئي. ان ڪي پياسو رهڻو ئي
پوندو آهي. سڀ ڪتاب چاهيندي بہ پڙهي نہ سگهندو آهي
سيني ويچارڌارائن جي منٿن مان سندس ويچار ڌارا جو امرت
نڪرندو آهي جو هو قلم وسيلي سماج جي سامهون پيش ڪندو
آهي. مون تي بہ هڪ نہ پر انيڪ ودوانن جي رچنائن جو اثر
پيل آهي.

مرلي : پنهنجي لکڻيءَ ۾ يا اُن جي ڇپائيءَ ۽ ڦهلاءَ ۾ ڪهڙي
ڏکيائين کان توهان وابسطہ ٿيا آيو؟

ساجن : سماجڪ ڪارين سان گڏ گهر جي جوابداري سبب ليکن ڪاريہ
۾ ڇڻائي وگهن ايندا آهن. جو پار ڪري رچنائن ڪي لکڻو
پوندو آهي. وري ڇپائيءَ ۾ آرٿڪ مسئلي سان پريس پڻ
پريشان ڪندي آهي. پاشا ۾ چڪون ... تڪليف ب

جي ٽريننگ پڻ ڏني جيئن هو گجرات جي درياهي ايريا تي نظر رکڻ لاءِ مددگار ٿين. انهن ڪارڻ سبب پندرهن سالن جي شيوا بعد ”ميڊل آف ميرٽ“ جو اوارڊ مانئيہ ڪملا بينيوال گورنر آف گجرات پاران راجيپال ڀون ۾ مليو.

مرلي : ٻہ سال پهرين آديپور مان سنڌي ڪڇي ٽي.وي. چئنل شروع ٿيو. جنهنجو وستار سڄي ايشيا ۾ آهي ۽ مفت ڊيڪاريو وڃي ٿو. مان ڀاڻيان ٿو ڀي ڀارت جو پهريون سنڌي چئنل آهي توهانجو هن ۾ جزاءُ هڪ نهايت ئي سٺي ڳالهہ آهي. مهرباني ڪري هن جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائيندا ۽ خاص ڪري اِهو ڄاڻائيندا تہ ڇا سنڌي ماڻهو ڀارت جا يا ٻين ملڪن جا هن کي پسند ڪن ٿا.

ساجن : سنڌي ڪڇي چئنل جو ويچار دادا ڪنعيالال ڪيولراماڻيءَ جي من ۾ 2006 کان ئي شروع ٿي ويو ۽ سريش نهالاڻيءَ جي مدد سان هن کي 24 ڪلاڪ ان جو پريوگ لوڪل ڪئبل تي شروع ڪيوسين. ڊيري ڊيري ديش وديش سان سنڌيءَ ۾ ڪيل پروگرامن جا ويڊيو گڏ ڪيا. هڪ ننڍو اسٽوڊيو، ڪئميرائون ۽ ميوزيڪل جا ساڌن پڻ خريد ڪري پروڊڪشن جو ڪم شروع ڪيو. جن 2010 ۾ ٽي.وي. چئنل لاءِ پروانو ملڻ تي سڄي ايشيا ۾ ڏسڻ اچي ۽ اهڙي ٽي.وي. چئنل چوويهہ ڪلاڪ هلايون. اڍائي سالن تائين اِها پهرين سنڌي چئنل هلي پوءِ ناڻي جي ڪميءَ سبب بند ٿي ويئي. پر 2000 ڪلاڪن جو سنڌيءَ ۾ پروگرام گڏ ڪري سنڌي جاتيءَ کي ارپڻ ڪيائون جو ڪيبل اڄ بہ هندستان جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ ماڻهو ڏسي رهيا آهن. لوڪل ڪلاڪار جي مدد سان مون ٽيهہ ناٽڪ لکي تيار ڪرايا. ڏهہ ناٽڪ لوڪل ڪلاڪار کان پڻ لکارايا، تيار ڪرايا، گيتا، جپ صاحب، سنتن جي اُستتي، جا ڀڄن پڻ لوڪ گائڪ ڪلاڪارن

جنهن مالي حالت موجب هڪ ٻن ٽن رومن وارن مڪانن ٺهرائڻ
ڏيڻ جي ويوستا ڪئيسين. ٻئنڪن ۽ اين.جي.او. کان قسطن
۾ پرڻ وارو ۽ گهٽ وياج وارو لون وٺي ماڻهن کي مڪان ٺهرائي
ڏناسين. غريبن ٻارن لاءِ ڪتاب، يونيفارم ۽ في بابت آرٿڪ
مدد لاءِ به جفاڪشي ڪري ويوستا ڪئيسين. سنڌي لپي بچائڻ
لاءِ مفت ۾ سيکارڻ جي ويوستا ڪئيسين. ڀوڪمپ کان پوءِ
سڀ کان پهرين وچولي طبقي لاءِ سبسيڊي سان ''درازن جو
ڏيرو'' ڪالوني ٺاهي ڏنيسين. پوءِ سائين ليلاشاهه ڪُٽيا جي
پاسي ۾ نوري نگر ٺاهي چاليهه هزار رپين ۾ سنڌي غريب
طبقي کي پنجانوي مڪان ٺهرائي ڏنا. انڪانپوءِ وچولي طبقي
کي ڪنورنگر ۾ مڪان ٺهرائي ڏنا. ان سان گڏ طوفان توڙي
ڀوڪمپ جي وقت سنڌي سماج پاران رات جي ڀوڄن جي
ويوستا ڪئي جا اڄ تائين آديپور سائين بابا مندر ۾ پرساد
جي روپ ۾ چالو آهي. ڀوڪمپ وقت گهٽي ئي گهربل شيون
گهرن تائين پهچايون.

مرلي : توهان گهڻن سالن کان گجرات ليول تي ''ڀارتيه اسڪائوٽ
سنگهه'' سان جڙيل آيو ۽ اڄڪلهه سال توهانکي ''راجيپال
پرسڪار'' پڻ مليل آهي. ان سلسلي ۾ سلسليوار ڄاڻائيندا
ڇو جو ''راجيپال انعام'' ملڻ هڪ اهم ڳالهه آهي؟

ساجن : مان ننڍپڻ کان ئي اسڪائوٽ سان جڙيل هيس. پر 1995 ۾
مونکي ڪڇ ضلعي جي اسڪائوٽ جي ڪميشنر جي جوابداري
ڏني ويئي. جتي مون سڄي ڪڇ جو دؤرو ڪري اسڪائوٽ
تيار ڪيا. انهن جون پريڪشائون وٺي ڪين اسٽيٽ ليول تي
موڪليو. جتي انهن ڇڱا يوڳيتا وارا انعام کٽي ڀارت ۾
گجرات جي ڪڇ جو نالو روشن ڪيو. 2010 ۾ مکيه منتري
موديءَ جي يوجنا موجب اسڪائوٽ کي درياهيءَ اسڪائوٽ

چنبڙائيس/انهن جو ڪتاب ناهي ڪوشش ڪيان پيو/ساهتيہ جي سمنڌ ڪي پرڻ جي/ خبر آهي ڦڙي ڦڙيءَ سان سمنڊ جلدي نہ پربو/پر پڪ آهي سمنڊ ڦڙيءَ ڦڙيءَ مان نهيل آهي.

مرلي : توهانجي ساهتيہ کي سمجهڻ وارا ۽ توهانجي زندگيءَ جي مشڪلاتن ۾ ساٿ ڏيڻ وارن ڪن خاص دوستن کي ياد ڪندا؟

ساجن : منهنجا پانڪ عام ماڻهو آهن. جي شاعري ڪهاڻين، ناٽڪن مان چڱو مزو ماڻيندا آهن. مضمونن انهن جي سمجهہ کان ٻاهر آهن. ساهتيہ جي هستين کي وقت ناهي جو ٻئي جي ساهتيہ تي نِگاهہ ڦيرن. مان مهاڳ لکائي پنهنجي ساراهہ پنهنجن سڄاڻن ليکڪن کان ڪرائڻ واجب نہ سمجهندو آهيان. پڙهي ڪتاب ڪو مشڪل سان رايا موڪليندو آهي تہ اُهي بہ ڪتاب ۾ ڇپائيندو آهيان. ساهتيہ توڙي سماجي ۽ پاريوارڪ مشڪلاتن جو سامنو مان پنهنجي همٿ سان ڪندو آهيان. ڪي دوست ساٿ ڏيڻ ايندا آهن تہ اهو ڪنڌ نوائي قبول ڪندو آهيان ڪلهي سان ڪلهو ملائي هلڻ وارا دوست پاڻ ئي مصيبت وقت پهچي ويندا آهن.

مرلي : پويشيہ لاءِ توهان جا ڪا اِڇا يا خواهش؟

ساجن : سک شانتي آنند واري حياتي پريو عطا ڪري. جيئن پريوار سنڌي جاتي ۽ ديش جا مليل فرض پورا ڪري پنهنجي منزل تي وڃون.

مرلي : توهان سڄي عمر تعليم ۽ ساهتيہ سان جڙيل رهيا آيو. وديارٿين ۽ نوجوان ليکڪن لاءِ ڪو خاص سنديش يا راءِ ڏيندا؟

ساجن : مان رڳو تعليم ۽ ساهتيہ سان جڙيل نہ آهيان پر سماجڪ شيوائون ڪاريہ سنڌي سماج سان بہ چڱو جڙيل آهيان ۽ سئينما جڳت سان ٽي.وي. چئنل هلائڻ بعد جڙي ويو آهي. گڏوگڏ شهر جي سنڌي نوجوانن کي بہ هڪ سنديش ڏيڻ چاهيندس تہ

تيار ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي. هن ڪانسواءِ جوڪس، مشاعرا ۽
لائيوَ پروگرام پڻ تيار ڪري سنڌيت جي شيوا ڪئي.
چئنل جا چاهڪ پارت تہ ڇا پاڪستان، دُبئي سينگاپور، هانگ
ڪانگ، ايشيا جي انهن حصن ۾ جتي سنڌي موجود آهن
انهن کي خوب پسند آيو. بند ٿيڻ تي ديش وديش مان واپس
چالو ڪرڻ لاءِ هزارين خط آيا.

مرلي : هر سال توهان جو هڪ نئون ڪتاب اسانکي پڙهڻ لاءِ ملندو آهي پر هن سال اجان ڪونہ مليو آهي ڇا توهان ڪو ڪتاب لکي رهيا آهيو؟ جي ها تہ ڪڏهن اسانکي پڙهڻ جو موقعو ملندو؟

ساجن : هن سال جو ڪتاب پريس ۾ آهي. جو جلد سيني جي هٿن ۾ ايندو. باءِ پاس سرجريءَ جي سبب لکڻ جي ڪم ۾ وگهن هو جو هاڻي دور ٿي چڪو آهي.

مرلي : هيڏن ڪمن جي رُڌل هوندي توهان کي لکڻ جو وقت ڪيئن ملي ۽ گهڻي عمر تائين لکڻ جي اِڇا رکو ٿا ؟

ساجن : چوندا آهن جيستائين جي تيستائين سک. ان ۾ مون جوڙيو آهي جيستائين قلم هلئي تيستائين لک. تن اسڪولن پنجن ٽرسٽ ۾ سڪريہ ڪاريہ ڪانپوءِ بہ لکڻ ڪاريہ چالو آهي.
''ساجن تنهنجو سوُر'' ۾ منهنجي هڪ آزاد نظم آهي ان مان توهانکي خبر پوندي ڪيئن مان وقت ڪڍي لکندو آهيان
پيش آهي آزاد نظم
''زندگيءَ جا چور'' ننڊ، نؤڪري، جوءِ، جهان/منهنجي
زندگيءَ جا چور مهان/زندگي پلن ۾ ورهائي ڪٽي وڃن
پَنهنجي حصي جا پل چورائي/مان بہ هڪ مهاچور/انهن
چورايل پلن مان ڪجهہ پل چورائي/قلم سان ڪاغذ

لوڪ ادب جي هڪ صِنف ''ڻوڪ''

سنڌ جي ڳوٺن ۾ رات جو ماني ٽِڪي کائي، هر ڪم کان فارغ ٿي، ناٽا مڙد پاڻ ۾ گڏ ويهي ڪچهري ڪندا هئا. جيڪا ٻوٺ جي چونڪ، طاق يا وري ڪنهن پير مڙد جي گهر اڳڻ ۾ ٿيندي هئي. جڏهن ته اُن اني ۾ نه ٽي-وي هئي، نه ريڊيو ۽ نه ئي وري ڪو ڳوٺن ۾ وِندُرَ جو وسيلو و. ڳوناٽا پاڻ ۾ ڪچهري ڪري وقت به سڦلو ڪندا هئا ۽ وِندرَ دواران اڻ جو مزو پڻ ماڻيندا هئا. ڪچهريءَ ۾ هِتان هُتان جون ڳالهيون ڪري، ڪ ٻئي جو حال احوال لهندا هئا يا ته ڪو وڏيرو هرهڪ کي نينڊ ڏيندو و ته اچي پنهنجي فَنَ جو اِظهار ڪنِ. جنهن فَنَ جو اِظهار ڪيو ويندو هو نِ ۾ خاص هئا لوڪ گيت، لوڪ سنگيت ۾ ساز ۽ لوڪ ڳالهيون، لوڪ الهين جا به گهڻيئي قسم پيش ڪيا ويندا هئا مثلن ڳُجهارتون، پروليون، وڪ، پنجڪا وغيره وغيره.

لوڪ ڳالهين کي ''بهڳُٽن جا ٻول'' پڻ چيو ويندو آهي. بهڳُٽن جي اکري عنيٰ آهي، گهڻن ڳُڻن وارو ڳُڻوان يا سُگهڙ. گهڻن ڳُڻن ۾ اُن جي مَهارتَ ياڻپ ۽ لائقي پڻ شامل رهي ٿي. ڪچهريءَ جا ڪوڏيا بِنا داد، اِنعام ۽ قرام جي پيا هر ڪچهري ۾ ميڙ ۾ حاضر ٿين ۽ واري وَٽيءَ سان پنهنجو ن پيش ڪري پيا خوش ٿين. اُنهن کي اَدب ۾ رهڻ جي ۽ پنهنجائپ جو احول پئدا ڪرڻ جي پابندي هوندي آهي. پر موقعي مطابق اُمنگ ۾ چي ڪُجهه به غيردَستوري هُنر جي اِظهار جي ڇوٽ رهندي آهي. سندنِ ولن ۾ سدائين نواڻ نظر ايندي آهي. اُنهن جا ٻول پنهنجي آس-پاس بل واقعا ڏِنل ٻُڌل ۽ ماحول جي انداز سان سوچيا، رچيا ۽ پيش ڪيا ويندا هن. پاڻ سادا هوندا آهن، پر سندن ٻول عُمدا، سون وانگر سوڏيل جلدي

لپي جي چڪر ۾ ٻپ سبب سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪري
پنهنجي اسٽيٽو نہ وڃايو. زبان وسيلي ڳالهائي ۾ ڪنن وسيلي
ٻڌي توهان پنهنجي ماتر ڀاشا کي بچائي سگهو ٿا. توهان کي
رڌو گهر، پاڙي توڙي ٻين هنڌن تي سنڌين سان صرف سنڌيءَ
۾ ڳالهائڻو آهي. سوشل ميڊيا وسيلي سنڌين کي کهڙي ٻ
لپيءَ ۾ ميسز ڪرڻا آهن، آيل ميسز پڙهڻا آهن. سنڌي گيت
سنگيت ٻڌڻو ۽ ٻڌائڻو آهي.“

مرلي : ساجن صاحب، توهانجي بنداس انداز ۾ نخالص جوابن لاءِ
مهرباني.
توهان ٽائيم ڪڍي آيا ان لاءِ اسان توهانجا ٿورائتا آهيون ۽
توهانجي صحتمند زندگيءَ ۾ اُجول آئيندي لاءِ مان مرلي
گووندائي آڪاشوائي ڪٽنب سان گڏ سدا مالڪ در توهانجي
خوشي چائيندس، مهرباني.

ساجن : جيئي سنڌي - وڏي سنڌي، سنڌي ٻولين هڪ ٻئي سان ماڻهو
جيئن هند ۾ هر هنڌ سنڌ کي ماڻيون. مهرباني.

(آڪاشوائيءَ جي طرز تي تيار ڪيل)

اِهي چارئي ٽوڪ ڀلا.
ٽڪا چارئي روڪ ڀلا.

(3) مڙس کي ڏاٽو ڀلو،
اَنڊن ۾ ڪاٽو ڀلو،
مکڻ جو چاٽو ڀلو،
مڇيءَ لاءِ مهاٽو ڀلو،

اِهي چارئي ٽوڪ ڀلا.
ٽڪا چارئي روڪ ڀلا.

(4) ڳوٺ ۾ ڳاڏو ڀلو،
ڏينگر جو ڏاڏو ڀلو،
ڇڇ ۾ لاڏو ڀلو،
مينهن جو پاڏو ڀلو،

اِهي چارئي ٽوڪ ڀلا.
ٽڪا چارئي روڪ ڀلا.

جيئن ته ڀارت ۾ سنڌي ڳوٺ آهن ئي ڪونه، وري ڪڇ جي ٻني وسطار
جيڪي سنڌي ڳوٺ چيا وڃن ٿا سي ڳوٺ ته هاڻي رهيا ئي نه آهن، چو
و هرهنڌ، هر ڳوٺ ۾ وِندر ڪان وٺي آمدرفت ۽ ضرورت مطابق سڀ اِسم
وُجود ٿي چُڪا آهن، جيئن ته ٽي.وي، ڪمپيوٽر، جيپڪار، ٽريڪٽر،
جلي پاڻي وغيره. ڪن ڪن علائقن ۾ انگريزي اِسڪول پڻ مُيسر ٿيل آهن.
ڏلاوَ جي مدينظر سُگهڙن کي جڳائي ته ڪچهرين ۾ نوان نوان پريوگ
اٽوڪي ۽ ايندڙ وقت جي نطاقت ڏسي ڪندا رهنِ ته سُني واهه واهه
ندن.

موُن هن ڏس ۾ ڪجهه نوان لفظ ڪٺي هاٽوڪي وقت اَنوسار ڪجهه ٽوڪ
چيا آهن جيڪي پڻ ميڙ يا بينڪُن ۾ ڪم آڻي سگهجن ٿا، اُنهن مان
ڪجهه هيٺ پيش ڪيا وڃن ٿا.

(1) پکيءَ لاءِ فون ڀلو،
واپار لاءِ لون ڀلو،

سمجهه ۾ اچڻ وارا ۽ سياٽپ پريل ڳالهين وارا هوندا آهن. ٻولي پڻ صاف
ڳوناٽي، لحزو پڻ اهڙو جو سڀ ٻڌندڙ لُطف ماڻنِ ۽ ڪنهن ڪنهن ڳفت
تي دنگه پڻ رهجي وڃن.

يارت ۾ ٻني ڪڇ وستار جي سنڌي ۽ ٿري ڳوٺن ۾ اڄ به ڪڏهن ڪڏه
ڪنهن خاص موقعي تي ڪچهري لڳائي ويندي آهي پر اُن ۾ نئون ڪُڇ
خاص ٻڌڻ گهٽ ايندو آهي، پُراڻن ڳُفتن جو ٿي تعداد گهٽو هوندو آه
ڇو جو نوان سُگهڙ ته آهن ٿي ڪونه، ايڪڙ-ٻيڪڙ جيڪي حيات آهن س
آهن، ٿري ڳوٺ ويڙهار جا مشهور سگهڙ لالجي سُنهرِ، ڪُمبج
سوڍا ٻنيءَ جا حافز اُلا ۽ عقيل هالا پوتا.

ڪچهريءَ ۾ سگهڙن پاران ٿوڪ چوڻ جي عام روايت گهٽي پراڻي آه
ٿوڪ جي رچنا ڪنهن خاص ماڻهوءَ، جانور يا شيءِ جي ڳُڻن ۽ اوڳڻن
نهڪندڙ لفظن کي جوڙي پيش ڪيو ويندو آهي. لوڪ ساهتيه جي ه
صِنف ۾ ڇڻنِ واسطيدار اِسمن کي ڳڏ ڪٽي اُنهن جي خاصيتن، رنگ رو
۽ ڏيک ويکه کي ڪويتا جو جامعو پارايو ويندو آهي، جن ۾ اُنهن جي پ
۾ ڇٽيءَ طرح پيٽ ۽ ماپ ڪئي ويندي آهي. ٿوڪ جي رچنا ٿن، ڇئن
ڇهن اِسمن ۾ ٿيل آهي پر عام طور ڇئن اِسمن وارا ٿوڪ گهٽي انداز ۾ م
ٿا. ٿوڪ جا ڪجهه نمونا هن ريت آهن :

(1) ڇاڪ ڦرندو پلو،
ٻيڙو ترندو پلو،
ساڏو رمندو پلو،
جهيڙو ٽرندو پلو
اِهي چارئي ٿوڪ پلا.
نکا چارئي روڪ پلا.

(2) گهر منجهه ڪونو پلو،
اڱڻ منجهه اونو پلو،
زال کي چونو پلو،
مال ته اونو پلو،

سنڌي لوڪ ساهت (ادب)

لوڪ پرمپرا جي شروعات ٿيندي آهي اِنساني اُمنگن ۽ احساسن سان. ماڻهو من جي اُڇل جي بنياد آهي لوڪ سنسڪرتي، اِها پرمپرا ايتري تہ قديمي آهي، جيتري اِنساني سڀيتا. جڏهن اُنهن اُمنگن کي لفظن ۾ پرويو وڃي ٿو تہ آغاز ٿئي ٿو لوڪ ادب جو. قدرت کان اِنسان سنگيت سکيو، ۽ سنگيت معرفت لوڪ گائڪيءَ جي رچنا ٿي. ماڻهن جي پاڻ ۾ ميل ميلاپ ۽ آپسي اَنيو ۽ ڄاڻ حاصل ٿيڻ سان شروعات ٿي لوڪ ڪٿا ۽ لوڪ ناٽڪن جي. لوڪ ادب ڪن خاص ليکڪن پاران ڪونہ رچيو ويو آهي اِهو تہ لوڪن دواران ازخود پئدا ٿيل آهي، اُن مان ئي اُن ملڪ ۽ قوم جي سڀيتا جي سڃاڻپ حاصل ٿئي ٿي.

سنڌي لوڪ سنسڪرتي ڪافي وشال آهي ۽ اوترو ئي وڏو خزانو آهي لوڪ ادب جو. سنڌي لوڪ ادب جي دائري ۾ مُکيہ ڇهن صنفن جو شمار ٿيل آهي جي آهن (1) لوڪ ناٽڪ (2) لوڪ ڪٿا (3) لوڪ گيت ۽ (4) چوڻيون، اِصطلاح ۽ پهاڪا. انهن جي سلسليوار تفصيل هن ريت آهي :

لوڪ ناٽڪ : گهٽين، ميدانن ۽ ماڻهن جي ميڙ جي وچ ۾ لوڪن پاران لوڪن لاءِ پيش ڪيل اداڪاريءَ کي لوڪ ناٽڪ سڏبو آهي، جنهن ۾ نہ سينگار، نہ ويش ڀوشا ۽ نہ منچ جي ئي ضرورت پوندي آهي. مکيہ اُدشيہ هوندو آهي سماجڪ سکيا ۽ منورنجن، ناٽڪن ۾ اداڪاريءَ سان گڏوگڏ ناچ، سنگيت ۽ کهاڻي پڻ هوندي آهي. ڀارت ۾ لوڪ ناٽڪ جا گهڻائي قسم آهن پر جيڪي سنڌ سان واسطو رکن ٿا انهن مان ڪجهہ هن ريت آهن :

رام ليلا ۽ راس ليلا : ڏياريءَ ۽ هوليءَ جي ڏڻن تي رامايڻ ۽ ڪرشڻ جي ڪٿائن کي ناٽڪ جو روُپ ڏنو ويندو آهي.

پتلين جا کيل : سنڌ جي هڪ پراچين پرمپرا آهي جنهن ۾ متيءَ،

زالن لاءِ سون پيلو،
مڙدن لاءِ مون پيلو،
اِهي چارئي توڪ پيلا.
نڪا چارئي روڪ پيلا.

(2) موبائيل جو دؤر پيلو،
پنچائتن جو زور پيلو،
ڪيتن ۾ بور پيلو،
شاگردن جو شور پيلو،
اِهي چارئي توڪ پيلا.
نڪا چارئي روڪ پيلا.

(3) ڪيتن ۾ ٽرئڪٽر پيلو،
ڳوٺن ۾ ڊاڪٽر پيلو،
اسڪول ۾ ڪمپيوٽر پيلو،
سائيڪل کان سڪوٽر پيلو
اِهي چارئي توڪ پيلا.
نڪا چارئي روڪ پيلا.

(4) ٻارن جي ڪِٽ پيلي،
پوڙهن جي اِٽ پيلي،
پائرن ۾ ٻِٽ پيلي،
ڇرين جي پٽ پيلي،
اِهي چارئي توڪ پيلا.
نڪا چارئي روڪ پيلا.

مددي ڪتاب :

1. سنڌي فوڪ لور - ڊاڪٽر ڄينو لالواڻي
2. لوڪ اَدب جو تحقيقي جائزو - ڊا. عبداللغريم سنديلو

ادبي چمن (013

وم جي شرڌا ۽ آستا نظر ٿئي ٿي.
سماجڪ ڪٿا : هنن ڪٿائن ۾ سماج سڌار جي ڀاونا، سماج جي ڪريتين، ڏيتي ليتي ۽ اِنساني رشتن جو مهتو هوندو آهي.
پريم ڪٿا : سسئي پنهو، سهڻي ميهار، هير رانجها، مومل راڻو، عمر مارئي جهڙين جڳ پرسڌ ڪٿائن جو شمار هن قطار ۾ اچي ٿو.
اُپديش ڪٿا : اهڙيون ڪٿائون جن ۾ ڪا نه ڪا نصيحت يا سمجهاڻي نل هجي، چاهي اها ٻارن لاءِ هجي يا وڏن لاءِ، هن قطار ۾ اچن ٿيون.
منورنجن ڪٿا : هلڪيون، ڦلڪيون، ٽائيم پاس، خالص موڄ لاءِ چاٽايل ڪٿائون هن روپ ۾ اچن ٿيون. جيئن هاتمتائي، گل بڪاولي، علي بابا چاليهه چور ۽ عربستان جا قصا.
ٻال ڪٿا : ٻال ڪٿائن کي چئن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.
(1) **جانورن جون ڪٿائون :** هنن ڪٿائن جا پاتر ماڻهو نه پر پسون، پکي هوندا آهن. 'پنچتنتر' اهڙن ڪٿائن جو هڪ خاص مثال آهي جيڪو ڀارت جي لڳ ڀڳ سيني ٻولين ۾ ڇپيل آهي.
(2) **پري ڪٿائون :** هنن ڪٿائن ۾ اُڏامندڙ پريون، پرن وارا گهوڙا، ديون ۽ شيطانن جون ڳالهيون ڪنيون ويون آهن.
(3) **جادوئي ڪٿا :** ڪٿا جي هن روپ ۾ وچتر جادوئي روپن جو ورڻن ڪيو ويو آهي. ڪتاب آهن ''قصا هاتمتائي''، ''چار درويش'' ۽ ...يا.
(4) **راجڪمارن جون ڪٿائون :** جيئن نه نالي مان ظاهر آهي ڪٿا جي هن روپ ۾ راجڪمارن ۽ راجڪمارين جون نيتڪ ۽ عام جي ڀلائيءَ واريون ڪٿائون شامل ٿيل آهن.
لوڪ ساهت جي ٻي صنف آهي **''لوڪ گيت''**. لوڪ گيت اندر جي اُمنگن جو اظهار آهي، جيون جي هر موقعي تي سُر ۽ تال ۾ ڳايو وڃي ٿو جن کي ٻڌڻ سان من کي راحت ۽ تن کي تراوت ملي ٿي. لوڪ گيت عام

ڪپڙي يا ڪاٺ جي پتلين کي نچايو ويندو هو. جنهن ۾ راجپوتن جي جيون جون جهلڪيون هونديون هيون. ورهاڱي بعد، هي کيل ڏسڻ ۾ گهٽ ٿو اچي.

سانگ : طرح طرح جا ويس ڌاري، مذاقي ۽ ٺٺوليءَ جي انداز ۾، ماڻهن جي نقل ڪري، هوليءَ ۽ شادي وواهه وقت سانگ ڪيا ويندا هئا. ڀارت ۾ هوليءَ وقت ڪٿي ڪٿي سانگ ڪيا ويندا آهن.

ڀڳت : ڀڳت ۾ گهڻو ڪري ٻه ناچوُ ڪا نه ڪا ڪهاڻي کڻي، ڳائڪيءَ ۽ سنگيت جي روپ ۾ سڄي سڄي رات عام جو منورنجن ڪندا آهن، وچ ۾ لولي ۽ پچاڙيءَ جو پلئه جي به پرٿا آهي. ڀڳتن جو ڍنگ الڳ هوندو آهي، هڪ هٿ ڪن تي ۽ ٻيو مٿي ۽ راڳ جو اوچو آلاپ. سنگيت، چوڪيون اُن جو وڪاس کيل روپ آهي.

ٻي صنف :

لوڪ ڪٿا : لوڪ ڪٿائون اِنسان جي روزاني هلت چلت جو آئينو آهن. اِنسان جي اڻيو ۽ گيان جي ڄاڻ لوڪ ڪٿائن ۾ حاصل ڪري سگهبي آهي. ٻين قومن وانگر سنڌي قوم وٽ به پڻ لوڪ ڪٿائن جو وشال خزانو آهي. ان مان سنڌي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جي جهلڪ ملي ٿي. ڪٿائون ساهت جي پيڙهه جو پٿر آهن، انهن بنا سنڌي ساهت اڌورو آهي. لوڪ ڪٿائن سان ئي اسان جو ادب پختو بڻيو آهي. ڪٿائن کي سهيڙڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي، اڪوٽ ڀنڊار مان اسان ڪيترا موتي ڪڍڻا آهن، ان جي ٿاهه پائڻ پيچيدو سوال آهي.

سنڌي لوڪ ڪٿائن کي مکيه ڇهن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي، جنهنجي وچوڙ هن ريت آهي.

ورت ڪٿا : سنڌين جو لاڙو ڌرم ڏي گهڻو هوندو آهي، خاص ڪري سنڌي عورتون سک شانتيءَ لاءِ ورت رکنديون آهن، انهن ورتن ۾ ڪنهن نه ڪنهن ديوي ديوتا جي ڪٿا هوندي آهي، جيئن ستينارائڻ جي ڪٿا، ٽيجڙي ۽ گيارس جي ڪٿا، ڏينهن جون ڪٿائون. اُنهن ڪٿائن مان سنڌي

امل ڪيا ويا آهن.

(6) ڪٿا گيت : جنهن لوڪ گيت ۾ ڪا نہ ڪا ڪٿا هجي، چاهي اُهي ل گيت ڪٿا هجي، عمر مارئي، سهڻي ميهار يا سسئي پنهوءَ جي. يا وري اجائن جي ڪٿائن جا جنگناما ۽ سورويرتا جون ڪٿائون.

سنڌي ادب لوڪ گيتن ۾ ڪم آندل لفظن سان مالامال آهي، انهن لفظن ان ئي سنڌي ٻوليءَ جي وشالتا ماپي سگهجي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ سريلي، سي، وچولي، لاڙي ۽ ٿري لوڪ گيتن جي پڻ ڀرمار آهي. ان دوران لفظن جو ڀنڊار هميشه محفوظ رهندو آهي.

سنڌي لوڪ ادب جو چوڻون وياڳ آهي. **لوڪ چوڻيون، اصطلاح ۽ پهاڪا.** اهي ٻوليءَ ۾ ڪتب آڻڻ سان ٻولي وڌيڪ پختي، مايدار ۽ اثردايڪ ٿي پوندي آهي. ٻوليءَ ۾ اهي ”گاگر ۾ ساگر“ مثل آهن. جنهن ان ڳوڙهو مطلب نڪري اهي ننڍا ننڍا يا گفتا جن سان سياڻپ جهلڪي، ڪي چوڻيون چئبو آهي. پهاڪو هڪ ننڍو جملو هوندو آهي، هڪ مثال طور ڪتب آڻبو آهي ۽ آخري معنيٰ بدران ڪو خاص مطلب پيش ڪندو آهي جيئن ”مينهن چوي ڳانءِ کي هل ڙي پڇ ڪاري. محاورا يا اصطلاح جملي جي بيهڪ ۽ سونهن وڌائي جملي جو حصو بڻجي گهربل معنيٰ ظاهر ڪندا آهن. مثلن ”ڪير ڪنڌ تي وجڻ“.

اِصطلاحن ۽ پهاڪن کي بہ پنجن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي :

(1) **آزمودي مطابق** : ڪنهن ڳهتنا جي آزمودي ڪان پوءِ جيڪي گفتا چيا ويا هجن. جيئن ”ڪم لٽو ڍڪڻ وسريو“، ”سنگ تاري ڪسنگ ٻوڙي“

(2) **جڳهہ مطابق** : ڪنهن خاص جڳهہ جي وشيشتا لاءِ لکيل لفظ جيئن ”هجئي ناٿو تہ گهم لاڙڪاڻو“، ”اجان دلي دور آهي.“

(3) **پسن پکين مطابق** : ماڻهن جي چال چلن ۽ هلت سان ڀيٽ ڪيل گفتا ”ڪتي جو پڇ“، ”شينهن ڪلهي چڙهڻ“، ”گدڙ ڀنيڪيون“، ”ڏني مک ڀيهڻ“، ”طوطي وانگر رٽڻ“، ”ڪانو جون هڏيون ڪاڏل“.

(4) **ذات ۽ پيشي مطابق** : جيئن جٽ پڙهيو اَلهُ اڙيو“، ”سوناري

اِنسان ۽ سچي قوم جي گڏيل ملڪيت آهي جنهنجي پئدائش گهٽي پراڻي
آهي. لوڪن جي من مان نڪتل گيتن جي ٻولي سرل، سادي ۽ سچائي
سان ڀرپور هوندي آهي. ڪومل ڀاونائن ڪي ڇهڻ واري، جنهن ۾ جيون جو
عڪس جهلڪندو آهي.

سنڌيءَ ۾ لوڪ گيتن جا گهڻائي قسم ملن ٿا. ڊا. نبي بخش بلوچ 57
قسمن جي جاڻ ڏني آهي تہ ڊا. جيٺي لالواڻي 39 قسمن جي. انهن مان
ڪجهہ قسم هن ريت آهن : ڀڄن، مورو، لولي، لاڏا، ساکي، ڪافي، سلوڪ،
ڇلا، شبد، پنجڙا، اوراڻا، ڏوهيڙا، مداهہ، بيت، هوجمالو، پوڄا گيت،
ڦوناڻا، ٻال گيت، ڪٿا گيت، وائي، جنگناما، پار وغيره وغيره. ان کان
سواءِ پرسي گدواڻيءَ بہ ٻيا بہ لوڪ گيت ڏسيا آهن، سي آهن اوڏڪا گيت
۽ رباڙي گيت.

جاڻايل لوڪ گيتن جي قسمن جي جاڻ الڳ الڳ اديبن پنهنجي نموني
ڪئي آهي. ڊا. نارايڻ ڀارتيءَ ڇئن ڀاڱن ۾ تہ ڊا. جيٺي لالواڻيءَ انهن
ڀاڱن جي حمايت ڪئي آهي. انهن مان ڪجهہ خاص هن ريت آهن :-

(1) ڌرم سان لاڳاپو رکندڙ ڌارمڪ لوڪ گيت : جيئن ڀڄن، شبد، پنجڙا،
اوراڻا، سلوڪ، مداهہ، پوڄا گيت.

(2) سنسڪارن جا لوڪ گيت : جنم کان مرڻ تائين اِنساني هر رسم تي
جيڪي گيت ڳايا وڃن ٿا سي هن پرڪار ۾ شامل ڪيا ويا آهن. جيئن
لولي، لاڏا، ودائي گيت، هوجمالو، پار وغيره.

(3) قدرت سان لاڳاپو رکندڙ : پسو پکين، ڪانو، ڪونجن جا گيت،
بادل، چوماسي، کيت ۽ هارين جا گيت وغيره وغيره.

(4) پريم پريت جا گيت : وڇوڙو، ميلاپ، ڪشش، چهاءُ، اِظهار، نرتيہ
گيت، زال ۽ مرد جي سنبنڌن وارا گيت جيڪي ڪنهن بہ روپ ۾ ڳائي
سگهجن ٿا.

(5) جنسي لوڪ گيت : هن وِڀاڳ ۾ مردن، زالن ۽ ٻارن جا لوڪ گيت

ي بچيا آهن. اسان اديبن، سنڌي سنستائن ۽ اڪادمين کي اِها جوابداري
نڻ کپي تہ لڪل لوڪ ادب سنڌي ايراضين مان گڏ ڪري شهري وسنار ۾
ئين تهيءَ تائين پهچايون. اِن ڏس ۾ آديپور جي سنڌي اِداري سنڌالاجيءَ
جو ڪم ساراهہ جوڳو رهيو آهي. شري پريتم ورياڻي جي رهنمائيءَ هيٺ
ڏريل ٻن سالن کان سنڌالاجيءَ جي ٽيم سنڌي ايراضين ۾ وڃي لوڪ ادب
جي سهيڙ جو انڪانيو ڪم ڪري رهي آهي. هڪ خاص شخص جو نالو
هتي ضرور ڄاڻائيندس، اُهو آهي ڊا. جيٺو لالواڻيءَ جو اڪيلي سِرَ هن
لوڪ ادب جي سهيڙ جي ڪم ۾ اڄ بہ لڳل آهي.

ادبي چمن (2014)

(سنڌي ڪڇي سيمينار 26-2-2012، ڀڄ ۾ پڙهيل مقالو)

جا سو ڏک لوهار جو هڪ.''

(5) **ٻين ٻولين جيان سمانتا وارا** : سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻني ٻولين ج
اصطلاح ۽ پهاڪا هم معنيٰ وارا ملن ٿا پوءِ اُهي سنڌيءَ مان ٻين ٻولين ۾ ويا ي
اُتان سنڌيءَ ۾ آيا، اهو چئي نٿو سگهجي. جيئن سنسڪرت- ''يٿا راجا تٿ
پرجا''. سنڌي - ''جهڙو راجا تهڙي پرجا. گجراتي - ''واوي تيوو لُڻي.'' سنڌي
- ''جهڙي پوکيندو تهڙي لُڻندو.'' هندي - ''ديپڪ تلي انڌيرو.'' سنڌي - ''ڏئي
هيٺان اونڌهه.'' ڪڇي - ڪير ۾ ڪنڊُ. سنڌي- ڪير ۾ ڪنڊُ.''

ان طرح ڪڇي، اُردوُ، پنجابي ۽ فارسي ٻولين جا ٻه گهڻيئي پهاڪ
سنڌي ٻوليءَ جي پهاڪن سان ميل کائن ٿا.

لوڪ ادب جا ليکڪ ۽ ڇپيل ڪتاب :

سنڌي ساهت ۾ اندازن 300 ڪتابن جو ذڪر ملي ٿو، جن مان 200 ت
صرف سنڌ ۾ ڇپيل آهن. سنڌ ۾ ڊا. نبي بخش خان لوڪ ساهت جي سهيڙ
جو ڪم وڏي پئماني تي ڪيو آهي، اُن صاحب لڳڀڳ پنجاهه ڪتاب
لکيا آهن. ورهاڱي کان پهرين جن ٻين ليکڪن لوڪ ادب تي ڪتاب لکيا
تن مان مُکيه آهن ديوان ڪوڙومل چندنمل، پرمانند ميوارام، اُڌارام
ٿانورداس، جيٺانند هيمنداس، ڀيرومل مهرچند، ڪيولرام شاهاڻي وغيره.
ورهاڱي کان پوءِ لوڪ ساهت تي ڪُجهه ودوانن P.H.D ڪئي آهي، سي
آهن ڊا. نارائڻ ڀارتي، ڊا. جيٺو لالواڻي، ڊا. روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي
۽ ڊا. وشني ڦوُلواڻي. لوڪ ادب تي وڌيڪ ۾ وڌيڪ ڪوج ڪاريه ڪيو آهي..
ڊا. نارائڻ ڀارتي، ڊا. جيٺو لالواڻي ۽ پرسو گدواڻي. انهن جي ڪتابن
کانسواءِ ٻين جن لوڪ ادب تي لکيو آهي سي آهن، ليلارام رُچنداڻي،
مُرليڌر جيٽلي، ڊا. ٻلديو مٽلاڻي، سترامداس سائل، ڊا. هوندراج ٻلواڻي،
ڪيرت ٻاٻاڻي، وشنو ڀاٽيا ۽ ٻيا.

ڀارت ۾ لوڪ ادب جو پوشيه تمام ڏنڊلو آهي، ڇو جو ڪَڇ جي ٻني
وستار ۽ تر مان لڏي آيل لوڪن کان سواءِ ٻوٽ ۽ ٻوناٽا نه رهيا ئي ڪانهن،
سنڌي سڀُ شهري ۽ آڌونڪ تي ويا آهن ۽ نه وري سنڌ جا پُراڻا ڄاڻوُ ماڻهو

جزاءَ جو طريقو پڻ آهي.

ايڪاني ناٽڪن ڪي ٻن ڏارائڻ ۾ ورهايو ويو آهي، لکڻ ۽ پيشڪش. هن مقالي جو موزون آهي - ورهاڱي بعد 1947 کان 1980 تائين ننڍن ناٽڪن جنهن کي ايڪانڪي پڻ چيو وڃي ٿو جي اؤسر. وشيہ انوسار مقالي کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي، هڪ ٻال ايڪانڪيون ۽ ٻيو باقي سڀ ايڪانڪيون.

ٻال ايڪانڪيون : ٻال لفظ ٻارن سان واسطو رکي ٿو اِن جي معنيٰ اِها ناهي تہ ٻارن ئي ايڪانڪيون لکيون هجن، ٻارن جو ايڪانڪيون تہ وڏن ٻاران ئي لکيون وڃن ٿيون پر ڪردار وڏن سان گڏوگڏ ٻار بہ ٿي سگهن ٿا. ٻال ايڪانڪي ساهتيہ جي ڪا الڳ شاخ ناهي پر اُهي ناٽيہ ڪلا جو هڪڙو حصو آهن، ٻال ايڪانڪين ۾ ٻارن جو سوچ مدي نظر رکي رچنا ڪرڻي پوندي آهي. جنهن جي ٻولي سؤلي هئڻ نهايت ضروري آهي. جيئن ٻارن کي پيش ڪرڻ ۾ ڪا هٻڪ نہ ٿئي. ڪتا جو وشيہ بہ ديش ڀڳتيءَ ۽ سڪيائن سان ڀريل هجي. ٻال ايڪانڪين کي بہ ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، ڏهين سالن تائين عمر وارن ٻارن لاءِ ۽ ڏهن کان پندرهن ورهين جي عمر وارن ٻارن لاءِ.

سنڌيءَ ۾ ٻال ايڪانڪيون نہ برابر لکيون ويون آهن يا چئي سگهجي ٿو تہ سنڌيءَ ۾ ٻال ايڪانڪيون آهن ئي ڪونہ. ٻال ايڪانڪين جي اؤسر لکي ئي ڪانہ ٿي سگهجي ڇو جو مقالي جي عرصي ۾ صرف ٻہ ڪتاب شايع ٿيل آهن سي بہ هڪ ئي ليکڪ جا. 1968 ۾ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي جن جو پهريون ٻال ايڪانڪي ڪتاب ''ڏهين جو نوٽ'' شايع ٿيو، جنهن ۾ ست ايڪانڪيون آهن. هنن جو ئي ٻيو ڪتاب يارهن سالن کان پوءِ 1979 ۾ ڇپيو جنهن جو نالو آهي ''رنگبرنگي محفل.'' هن ڪتاب ۾ پنج ايڪانڪيون آهن. اِن ڪانسواءِ بہ ايڪانڪيون مئگيزنس ۾ ڇپيل ملن ٿيون. 1979 ۾ هريش ڪڪواڻيءَ جي ايڪانڪي ''گلدستو'' اِستيج احمدآباد جي پتريڪا ۽ 1980 ۾ ڊا. هوندراج بلواڻيءَ جي ايڪانڪي ''چرپٽ راجا'' احمدآباد جي گلستان مئگيزن ۾ ڇپي.

سنڌي ايڪانڪيُن جي اوُسر
1947 کان 1980 تائين

صدين کان اِنساني منُ وِندر ۽ موَج مستيءَ جي ڳولها ۾ لڳل ئي رهيو
آهي، نواڻ ڳُن جي من کي سُڪون ڏئي ٿي اِن ڪري ئي شايد اِنسان ڪيل
تماشن ۽ مَنورنجن کي ٻين اِسمن کان وڌيڪ اَهميت ڏئي ٿو،سُڪون پائڻ
لاءِ انسان جيون جو خاص مقصد بڻايو آهي، ڪنهن کي لکڻ سان، ڪنهن
کي پڙهڻ سان تہ وري ڪنهن کي ڏسڻ ۽ ڪرڻ تي آنند ملي ٿو. ايڪانڪي
ناٽڪ اِن معنيٰ ۾ هڪ اَثردائڪ ۽ سَشڪت ماڌيم آهي، جو لکي بہ سگهجي
ٿو، پڙهي بہ ۽ رنگہ منچ تي ڏسي بہ سگهجي ٿو. ايڪانڪي ڪلا بہ آهي
ساهت بہ آهي ۽ ڏسڻ وقت سُڪون حاصل ڪرڻ جو ذريعو پڻ. فطرتي تور
سان اِنسان اَداڪار ۽ تماشائي آهي ۽ ايڪانڪي ناٽڪ هڪ اهڙي شڪتشالي
ڪلا آهي جنهن ۾ اَداڪار پاڻ تہ موَج ماڻي پر ڏسڻ وارن کي بہ وندرائڻ
جي ڀرپوُر ڪوشش ڪري اُنهن کي ڪجهہ سوچڻ ۽ سمجهڻ لاءِ مجبور ڪري
ٿو. تڪنيڪيءَ ۽ فن جي خيال کان ساهتيہ جي ٻين صِنفن کان ايڪانڪي
ناٽڪ کي الڳ ليکيو ويو آهي. ايڪانڪي ناٽڪ جو موُل ڍانچو پنجن
تتون تي ٻڌل آهي - وشيہ، ڪٿا، ڪردار، ڊائلاگ ۽ سنگيت. رنگ منچ
تي پيش ڪرڻ تائين اهو مڪمل ٿئي ٿو، صرف لکڻ ۽ ڪتاب ڇپائڻ سان
اِن جو مقصد پوُرڻ ڪونہ ٿو ٿئي. للت ڪلا کي ساهتيہ ۾ اَوَل درجو مليل
آهي ۽ اُن ۾ بہ اوُچ آستان ڌاري ٿو. ايڪانڪي ناٽڪ، ايڪانڪي ناٽڪ
عمر جي محتاج نہ آهي، ٻار جوان ۽ ٻڍا هر اِنسان کي سُڪون ڏيئي سگهي
ٿو. ايڪانڪي ناٽڪ سياسي، مذهبي ايڪتا، سماجڪ مسئلا سُلجهائڻ، ٻارن
کي نصيحتون ڏيڻ جو هڪ اثردائڪ وسيلو آهي جيڪو قوم ۽ جاتيءَ جي

رصي ۾ ڇنيھہ ڪتاب ڇپايا ويا جن ۾ پنجويھہ ليکڪن پاران نوَ سمپادڪن
ران ۽ ٻہ ٻال ايڪانڪين جا هئا. ٻال ايڪانڪين جي ڄاڻ تہ مٿئين
ئراگراف ۾ ڄاڻايل آهي باقي پنجويھن ليکڪن پاران لکيل ۽ نوَ سمپادت
ڪتاب جي ڄاڻ جدا جدا نموني هن ريت آهي:

ليکڪن پاران لکيل ڪتاب

جن ناٽڪ نويسن جا ڪتاب هن عرصي ۾ شايع ٿيا تن جي تفصيل ۽
ٿهن ۾ ڇپيل ايڪانڪين جو تعداد ڪجهہ هن ريت پيش ڪجي ٿو:

نمبر	ليکڪ جو نالو	مجموعي جو نالو	ڪل ايڪانڪيون	ڇپائڻ جو سال
1	رام پنجواڻي	سنڌ جون ست ڪهاڻيون	7	1952
2	منگهارام ملڪاڻي	جيوَن ڇهچٽا	7	1957
		پاپ ڪين پڃ	9	1962
		ڪرڪيتا پيا ٽمڪن	6	1967
		آخرين پيت	6	1975
		سمنڊ جي گجڪار	6	1979
			34	
3	واسديو نرمل	ٻوڙا اچي مِڙيا	5	1972
		بنا ڏيتي ليتيءَ شادي	4	1978
		سُس ري سُس	6	1980
			15	
4	ايم-ڪمل	ميونسپل ڪائونسلر	3	1979
		ناٽڪ	3	1980
			6	
5	جي.اين.ناگراڻي	ڇوُرنگي	3	1959
6	ارجن شاد	ڏاهيون ڏکہ ڏسن	1	1960
7	راجن چاولا	دل جو سهارو	4	1961
8	وشنداس شوداساڻي	شاديءَ هڪ سؤدو	7	1968
9	داس طلب	آدين	7	1969

سنڌيءَ ۾ ٻال ناٽڪ نويس جي اڻاٺ صاف نظر اچي ٿي، هيءَ هڪ
چنتا جي ڳالهه آهي. ورهاڱي جي ايڪويهن سالن کانپوءِ پهريون
ايڪانڪي ڪتاب ڇپجي ته اِن کي ٻيو ڇا ٿو چئي سگهجي. ٽيٽيهن سالن
جي عرصي ۾ صرف چوڏانهن ايڪانڪيون ساهتي ۾ آيون. مان نٿو سمجهان
هيتري گهٽي ٻال ايڪانڪين جي اڻاٺ ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ هوندي
ٻال ايڪانڪين کانسواءِ ٻيون ايڪانڪيون.

ٽيٽيهن سالن جي عرصي ۾ سنڌي ايڪانڪين تي سَرسري نظر ڦيرائڻ
سان اِها ڄاڻ ملندي ته سنڌيءَ ۾ ايڪانڪي صنف تي گهڻ ۾ گهٽ ساهتيه
لکيو ويو آهي، گهٽ ٻه اِيترو جو ٽيٽيهن سالن جي عرصي ۾ ڪُل مِلائي
ڇتيهه ڪتاب شايع ٿيل آهن. سراسري هڪ سال ۾ هڪ، ائين نه آهي ته
سنڌيءَ ۾ ناٽڪ نويسن يا ڇپائڻ وارن سمپادڪن جي ڪا ڪمي آهي.
ويهارو کن ليکڪ هن عرصي ۾ سامهون آيا پر هڪ ايڪانڪين جو ڪتاب
ڏيئي مان ڪري ويهي رهيا ۽ ساهتيه جي ٻين صِنفن تي لکڻ لڳا. اِهو سچ
آهي ته ورهاڱي بعد لڏپلاڻ ۽ ٿاهينڪي ٿيڻ جي سبب سڄي سنڌي ساهتيه
۾ ماٺاهي رهي پر ايڪانڪين ۽ ناٽڪن جي سلسلي ۾ ايتري قدر ماٺائي
رهي جو پهريون ايڪانڪي مجموعو 1952 ۾ آيو ۽ ٻيو اُن جي پنجن
ورهين کان پوءِ 1957 ۾ شايع ٿيو. ڪئلينڊر سال موجب ڇپيل ڪتابن جي
وچوُر ڪجهه هن ريت آهي.

لڏپلاڻ تي ٽن سالن کي ڇڏي ڏيون ته 1950 کان 1980 تائين ٽيهن
سالن جي عرصي کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرئين ڏهاڪي
عيسوي سنه 1951 کان 1960 جي وچ ۾ ڪل ڇهه ڪتاب ڇپيا ويا جن ۾ چار
ليکڪن پاران ۽ ٻه سمپادت ڪتاب هئا. ٻئي ڏهاڪي 1961 کان 1970
جي وچ ۾ پڻ ماٺائي رهي جو صرف نوَ ڪتاب پڌرا ٿيا. اُنهن ۾ ڇهه ليکڪن
پاران ۽ ٻه سمپادت ۽ هڪ ٻال ايڪانڪيءَ جا ڪتاب هئا. ٽئي عرصي
يعني 1971 کان 1980 جي وچ ۾ گهڻيئي نوان ليکڪ ۽ سمپادڪ سامهون
آيا جن ملي ڪري ايڪويهه ڪتاب ساهتيه کي ڏنا جن ۾ 15 ليکڪن جا
لکيل، پنج سمپادت ۽ هڪ ٻال ايڪانڪين جا مجموعا هئا. ٽيهن سالن جي

6	ڊا. پريم پرڪاش	پڙدا	6	1976
7	جسونت ڪمار	پڙدا پڙدا	4	1976
8	ڊا. پريم پرڪاش	تجرباتي ناٽڪ	8	1977
9	شيام رامرکياڻي	ڪڏهن ڪجهه به نه ٿيندو	6	1980
	25 ليکڪ	نوَ مجموعا	45	ايڪانڪيون

هن نوَن مجموئن ۾ ڪُل 45 ايڪانڪيون شامل ڪيون ويون آهن، جن
ان نوَ ايڪانڪيون اهڙيون آهن جن کي ليکڪن پنهنجي مجموعن ۾ پڻ
امل ڪيون آهن. هنن نوَن ڪتابن ۾ ڪل ملائي پنجويهن ليکڪن کي
امل ڪيو ويو آهي، پنڌراهان ليکڪ اُهي آهن جن جي هڪ هڪ ايڪانڪي
امل ٿيل آهي. ٻن ايڪانڪين وارا ڇهه ليکڪ آهن جن جا نالا آهن -
وهن ڪلپنا، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، ايم. ڪمل، جيون گرُسهاڻي ۽
يام جئسنگهاڻي. ٽن ايڪانڪين وارا ٻه ليکڪ آهن هريڪانت ۽ رام
يانچنداڻي. سندري اُتمچنداڻيءَ جون پنج ۽ ڊا. پريم پرڪاش جون
ب کان وڌيڪ ست ايڪانڪيون شامل آهن.

سمپادڪ ۽ طور آيل ڪتابن جي رفتار حد کان وڌيڪ ڍري رهي. 1947
ان 1974 يعني اٺاويهن سالن جي عرصي ۾ صرف چار ڪتاب ڇپيا پر
197 کان 1980 پنجن سالن جي عرصي ۾ پنج ڪتاب شايع ٿيا، هن جو
جسُ ڊا. پريم پرڪاش کي ڏئي سگهجي ٿو ڇو جو پنجن ڪتابن مان ٽي
ڪتاب سندن سمپادڪيءَ طور آيا آهن.

مخزن ۽ رسالا : ساهتيہ ۾ ڪنهن به صنف جي وڪاس ياترا تڏهن ئي
ڪمل ٿئي ٿي جڏهن اُها پاٺڪن جي سامهون اچي، چاهي ڪتاب جي
وُپ ۾ هجي يا ڪنهن مخزن يا رسالي ۾ ڇپجي. جيتريون وڌيڪ رچنائون
سالن ۽ پتريڪائن ۾ ڇپجنديون اوتري اُن جي وڪاس جي ڄاڻ ملندي.
يڪانڪيون پڻ سنڌيءَ ۾ شايع ٿيندڙ مُلڪ جي گهڻن ئي مخزن ۽ رسالن
ڇپجنديون رهنديون آهن. ملڪ جي هر حصي مان جتي به سنڌي وسن
ڪا نه ڪا پتريڪا، ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ لڳاتار ڇپجي پئي،

10	مرليڌر سکواڻي	سڄ ۽ پنج موتي	5	1969
11	شيخ اَياز	دودي جو موٽ	2	1971
12	ڪيرت ٻاٻاڻي	سُوريءَ سڏ ڪيو	8	1972
13	گوبند مالهي	گهوٽ ڪنوار راضي	4	1973
14	ڪشور پاهوُجا	اَلا منهنجي دل تي جَلي	5	1976
15	هريڪانت	مڪان خالي آهي	4	1977
16	ڊا. پريم پرڪاش	مورچا بندي	1	1979
17	برج موهن	بندوبست	4	1979
18	ڊا. چينو لالواڻي	تنهنجا غم منهنجا آهن	4	1980
	18 ليکڪ	پنجويهه مجموعا	121	ايڪانڪيون

هن ٽيٽيهن سالن جي سڄي عرصي ۾ ارڙهن ليکڪن جا پنجويهه مجموعا شايع ٿيا جن ۾ جملي سؤ ايڪويهه ايڪانڪيون شامل آهن. هن ارڙهن ليکڪن مان پندرهان ليکڪ تہ اهڙا آهن جن صرف هڪ-هڪ ڪتاب ڇپايو آهي، وڌ ۾ وڌ منگهارام ملڪاڻيءَ جا پنج ڪتاب شايع ٿيا جن ۾ چوٽيهہ ايڪانڪيون شامل ڪيو ويون آهن.

سمپادت مجموعا : انهن پنجويهين ڪتابن کان سواءِ هن دؤر ۾ نوَ بيہ ايڪانڪين جا مجموعا شايع ٿيا. جيڪي جدا جدا سمپادڪن پاران الڳ الڳ رچناڪارن جون ايڪانڪيون ڪٺي مجموعا ڇپايا، جن جي ڪئلينڊر سال موجب چاٽ هن ريت آهي :

نمبر	ليکڪ جو نالو	مجموعي جو نالو	ڪل ايڪانڪيون	ڇپائڻ جو سال
1	وينا لڇاڻي	ٻہ سپنا هڪ ڏور	2	1960
2	اي. جي. اُتم	روپ ۽ ڪلا	7	1960
3	اي. جي. اُتم	ناچو	5	1964
4	شنيو جئسنگهاڻي	ايڪانڪي	6	1964
5	ڊا. پريم پرڪاش	قدم	1	1976

ن سنڌيءَ ۾ ڪوبه ڪاريڪرم پيش نه ڪيو ويندو هو. پر ورهاڱي ڪانپوءِ ني-جتي گهٽي تعداد ۾ سنڌي وسيا اُتان جي سنڌين جي ڪوشش بعد ڪاني ايراضيءَ لاءِ آڪاشوائيءَ ۾ سنڌي پروگرام شامل ڪيا ويا. سڀ ن پهرين ممبئي پوءِ دهلي، احمدآباد، جئپور، ڀڄ ۽ ڀوپال تان سنڌي روگرام ٻڌائڻ جو آيوجن ڪيو ويو. 1957 ۾ مُمبئي ريڊيو تان پهرين نڌي پروگرام پيش ٿيو. سڀ کان پهرين ريڊيو تان ارجن شاد جي يڪانڪي پرسارت ڪئي ويئي پوءِ ڏيري-ڏيري منگهارام ملڪاڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، موتي پرڪاش، سندري اُتمچنداڻي ۽ گوبند مالهيءَ جون يڪانڪيون ريڊيو تان پرسارت ٿيڻ لڳيون. ممبئيءَ ڪانپوءِ جتي جتي يون ريڊيو اِسٽيشنون کُليون اُتان جا مڪاني ليکڪ پڻ ريڊيو سان جُڙڻ ڳا. پر جيئن ته سنڌي ٻوليءَ کي تمام ٿورو وقت مقرر ٿيل هو مشڪل سان ن ٽن مهنن کان پوءِ هڪ ايڪانڪي ڪنهن نه ڪنهن اِسٽيشن تان ڏني يندي هئي.

نقادن پاران اِهو ڪٿيو ويو ته ريڊيو جي پيشڪش معياري نه آهي، هي ايڪانڪي ناٽڪ هلڪا-ڦلڪا، ٻڌندڙن کي پسند پون ۽ سرڪاري ابندين ۽ پاليسيُنِ کي نظر ۾ رکي لکيا ويندا هئا. ڇو جو ريڊيو تان پئسو ، ملندو هو سچاٽپ ۽ ناموُس پڻ. هرڪا ايڪانڪي آڪاشوائيءَ تان هرائي ويندي هئي ۽ ٻين ريڊيو اِسٽيشن تان پڻ پرسارت ڪئي ويندي هي.

ريڊيو تان پرسارت ٿيل 80 سيڪڙو ايڪانڪيون ڇاپي ۾ نه آيون. ڪجهه ڇپيل ايڪانڪيون پڻ ريڊيو تان پيش ڪيون ويون اُن جي ليکڪن هنجي اصلي معياري ايڪانڪين کي ريڊيو روپانتر ڪري پيش ڪرايون. يڊيو تان پرسارت ٿيندڙ ايڪانڪين کي ڀلي ڪير معياري سمجهي يا نه ، اِهو سچ آهي ته ٻڌندڙن جو تعداد ڪافي وڏيڪ آهي ۽ جتي تعداد ڏيڪ هوندو وِڪاس ياترا ۾ اُن ذريعي جو ذڪر ضروري آهي.

وڪاس ياترا منڊلين پاران : ڪنهن به صنف کي اوُج تي رسائڻ ۽ ن کي عام جي سامهون پهچائڻ ۾ منڊلين ۽ اِدارن جو وڏيڪ رول جڙيل

اَڪادميون پڻ ساليانا رسالا پڌرا ڪري عام اڳيان ساهتيہ جو واڌارو ڪري
رهيون آهن. گهٽي ۾ گهٽ ٻه پتريڪان ممبئيءَ مان ۽ ٻيون نمبر احمدآبا
مان نڪري رهيون آهن. جيڪي ايڪانڪيون مخزن ۾ ڇپيون آهن اُن
جي اؤسر ڪجهہ هن ريت آهي.
ڪَني ڪيل ڇاڻ جي حساب سان ڪُل ايڪويهہ پتريڪائن ۾ ٻاويهہ
ليڪڪن جون ٽيتاليهہ ايڪانڪيون هن ٽيٽيهن سالن جي عرصي ۾ شايع
ٿيون آهن. جن مخزنس ايڪانڪيون ڇپائڻ کي اَهميت ڏني آهي سي
آهن : ممبئيءَ مان نڪرندڙ پتريڪائون ڪوُنج، هندواسي، ساهتيہ سڳنڌ
نئين دنيا، هلچل، جيجل، سنڌو ڌارا، اِظهار، روهہ رهاڻ ۽ گلستان. احمدآبا
جون پتريڪائون ڪويتا، لهر، جهلڪ، جهوليلال ۽ اِستيج. دهليءَ مان ملاه
۽ سوڪڙي، باندوان مان روُح رهاڻ، بڙودا مان سنگيتا، لکنوءَ مان سنڌي گلشن
۽ ڪلڪتا مان رچنا.
اِنهن مان ڪوُنج پتريڪا ۾ ڇهہ، ڪويتا ۾ پنج، هندواسيءَ ۾ چار،
ساهتيہ سڳنڌ ۽ سنگيتا ۾ ٽي-ٽي ايڪانڪيون ڇپيون. باقي مخزن ۾ ڪنهن
۾ ٻہ تہ ڪنهن ۾ هڪ-هڪ ايڪانڪي ڇپيل آهي.
جن ليڪڪن جون رچنائون مخزن ۾ ڇپيون تن مان خاص آهن ڊا. پريم
پرڪاش، جن جي چوڏهن ايڪانڪين کي جدا جدا سمپادڪن پنهنجي
رسالن ۾ جاءِ ڏني. ٻيو نمبر اچي ٿو گوبند مالهيءَ جون ڇهہ ۽ اُن ڪانپوءِ
پوپٽي هيرانندانيءَ جون چار ايڪانڪيون. باقي اُڻويهہ ليکڪن جي هڪ
هڪ ايڪانڪي ڪنهن نہ ڪنهن پتريڪا ۾ ڇپي. جيڪي ٽيتاليهہ
ايڪانڪيون پتريڪائن ۾ ڇپيون تن مان ٽيهہ ايڪانڪيون 1970-980
واري ڏهاڪي ۾ ڇپيون.
تي سگهي ٿو ٻيون بہ ڪجهہ ايڪانڪيون ڪن ٻين پتريڪائن ۾ ڇپيون
هجن جن جي ڇاڻ ڪانہ ٿي ڏيئي سگهجي ڇو جو سڀ پتريڪائون ۽ اُنهن
جا سيئي انڪ ڪٺا ڪرڻ ڪنهن لاءِ بہ ممڪن ناهي.
ريڊيو ايڪانڪي : ايڪانڪين جي وڪاس جي ڏُک ۾ ريڊيو پڻ
اَهم رول ادا ڪيو آهي. آزاديءَ کان پهرين پارت ۾ ڪنهن بہ ريڊيو اِستيشن

10	1956	سنڌو سماج دهلي	گڏيل سنستائون	8
11	1957	مهراڻ دهلي	گوپال پنجواڻي	4
12	1961	سنڌو ڪلا سنگم دهلي	جيون گُرسهاڻي هيمراج ناگراڻي	21
13	1962	سنڌو ڪلاڪار منڊل احمدآباد	گوردن تنواڻي ويڙهو رفيق	18
14	1967	سنڌي ساهتيہ ڪلا نڪيتن احمدآباد	گوردن تنواڻي هوندراج بلواڻي	4
15	1974	سنڌي ڊراما ورڪشاپ احمدآباد	پريم پرڪاش	19
16	1966	سنڌو ناٽڪ ڪيندر بڙودا	ڪيرت مهرچنداڻي	6
17	-	سنڌي ساهتيہ سنگت اجمير	گوردن ڀارتي	6
18	-	ڪلا سنڌو جئپور	ڪملا ڪيسواڻي	9
19	1975	گانڌيڌام سنڌو ڪلا مندر آديپور	رام ٻيلاڻي 'خمار'	4
20	1954	ڪلاڪار منڊل ڀوپال	ڪيئلداس فاني	8
			ڪل ايڪانڪيون پيش ٿيون	196

اِن ڪانسواءِ ٻيون بہ گھٽيئي منڊليون نهيون جن ٿوري وقت لاءِ مؤجود
ي ڪجھ ايڪانڪيون پيش ڪيون. جتي-جتي سنڌي وسيا اُتي بہ
ٽائي پئنچائت جو پايو پيو جيڪي اچ بہ مؤجود آهن، اُنهن پئنچايتن

هوندو آهي. ورهاڱي کانپوءِ ڀارت ۾ پنجاهه کن سنستائون برپا ٿيون جيڪي
ساهتيہ سان جڙيل رهيون. اِڪانڪين جي پنڌ ۾ وقت بہ وقت اِنهن سنستائن
گهڻيئي ايڪانڪيون عام جي سامهون پيش ڪيون، جن جي ڄاڻ ڏيڻ
ضروري آهي. جن سنستائن وڏي پئماني تي ايڪانڪين جي ڏس ۾ ڪم
ڪيو اُن جي وِچوُر هن ريت آهي :

نمبر	برپا ٿيل سال	منڊليءَ جو نالو	ڀاڱو وجهندڙ	سيٽ ٿيل ايڪانڪيون
1	1949	جئہ هند ڪاليج سنڌي سرڪل ممبئي	رام پنجواڻي	12
2	1949	سنڌي ساهتيہ منڊل ممبئي	منگهارا ملڪاڻي	9
3	1953	سنڌو نانڪ منڊل ممبئي	هرولعل راڄپال	21
4	1958	سنڌي ڪلاڪار منڊل ممبئي	گوبند مالي	12
5	1960	سنڌي ڪلا مندر ممبئي	ايس. پي. مينگهاڻي	12
6	1973	جوتي ڪلا مندر ممبئي	پي. بي. چاند	6
7	1976	سنڌي ليڪڪ فورم ممبئي	برج موهن	5
8	1950	دهلي ڪاليج سنڌي سڀا دهلي	هرومل سدارنگاڻي	8
9	1953	سنڌي نوجوان سڀا دهلي	هوندراج سڪايل	4

ٻه ڪن خاص ڏينهن يا موقعي تي ايڪانڪي ناٽڪ پيش ڪيا. اُنهن جو
اندازو تعداد ڪڻ مشڪل آهي.

منچن : ايڪانڪي ناٽڪ جو ايڪانيڪار ڪڏهن ٻه لکڻ لا
ايڪانڪيون ڪونه لکندو آهي پر هُن جي دلي اِڇا هوندي آهي اُنهن کي
رنگ منچ تي آڻڻ. منچن ڪانپوءِ ئي ليکڪ پنهنجي ايڪانڪي مکمل
ليکيندو آهي، ڇو جو جيڪا ٻه ايڪانڪي منچ تي ايندي سان سدائين لا
زنده رهندي ۽ نه پيش ٿيل ايڪانڪيون پنن جي قبر ۾ دفن ٿي وينديون
هن عرصي ۾ ڪل ملائي 234 ايڪانڪيون منچ تي پيش ٿيون جن مان
ممبئيءَ ۾ 82، دهليءَ ۾ 64، احمدآباد ۾ 51 ۽ ٻين شهرن ۾ 37. هنن 234
ايڪانڪين ۾ 77 ايڪانڪيون ڇپايون ويون باقي 157 ايڪانڪيون رنگ
منچ تي اچي مشهور ٿي ويون.

هنن ٽيٽيهن ورهين جو سوَرڻ ڪال رهيو عيسوي سنه 1971 کان 1980
تائين. ڇپيل ايڪانڪين ۽ ڪتابن مان ڏسجي ته 60 سيڪڙي جي لڳ
ڀڳ ساهتيه هن نئين ڏهاڪي ۾ آيو. 36 ڪتابن مان 21 ڪتاب ۽ اُنهن ۾
آيل 178 ايڪانڪين مان 105 ايڪانڪيون هن سوَرڻ ڪال ۾ ڇپيون
سوَرڻ حصي ۾ جن ليکڪن جون ڏه يا ڏهن کان وڌيڪ ايڪانڪيون ڇپيون
سي آهن ، ڊا. پريم پرڪاش 22 ايڪانڪيون، واسديو نرمل 15، منگهارام
ملڪاڻي 12، گوبند مالهي12 ۽ ايم ڪمل جون 10 ايڪانڪيون.

آخر ۾ اِهو سچ ته اسان ڪانه لڪائي سگهنداسين ته گهٽيئي ايڪانڪي
ليکڪن هوندي اُنهن تمام ٿوريون ايڪانڪيون لکيون آهن. اِها حقيقت
ڪنهن ٻه صنف جي ترقيءَ جو روڙو آهي.

(ساهتيه اڪادمي دهليءَ پاران آيوجت ناٽڪ سيمينار 2013-12-5
پڙهيل مقالو)

مُرلي گووندائڻيءَ جو ساهتيڪ سفر



سنڌي ٻوليءَ ۾

١. رشتن جو مَرَمُ (غزل) ... (اِنعام مليل)
٢. مهڪيل مُرڪ (شاعري) ... (اِنعام مليل)
٣. اُڏام (غزل) ... (اِنعام مليل)
٤. گذريل پل (ڪهاڻي) ... (اِنعام مليل)
٥. اڻ چٽا عڪس (غزل)
٦. اکڙين منجهه آلاڻ (غزل)
٧. پنڌ پري جا (شاعري)
٨. سُڏڪن جي سوغات (شاعري)
٩. ادبي ماڻڪ (مقالا - اِنٽرويو)

हिंदी भाषा में

१. मूक निमंत्रण (कविता)
२. मन दर्पण (कविता)

अनुवाद सिंधी भाषा से हिंदी भाषा में

१. स्वामी लीलाशाह जीवन दर्शन...(पुरस्कृत)
२. समाज शिक्षा व साहित्य के दर्पण में तेज 'क़ाबिल'
३. सुनहरी सिंध (तेज 'काबिल' मूल लेखक)

संग्रह, सम्पादन ऐं देवनागरी करणु

१. स्वामी लीलाशाह कविता वाणी
२. सामीअ जी वाणी - 'साइल' जी सम्झाणी